

جيئڻ جي تات
سندري اتمچنداڻي

# ڏو جنين جي ڏات

(١١ سنڌي ڪھاڻيون)

سنڌري آنمچنداڻي

عظمت ادبي اڪيڊمي
حيدرآباد سنڌ

[سنڌ ۾ ڇپائيءَ جا سڀ حق ۽ واسطا عظمت ادبي اڪيڊمي وٽ محفوظ آهن.]

ڪتاب جو نالو: توجنين جي تات

ليکڪا: سندري اتمچنداڻي

ڇپجڻ جو مهينو: اپريل ١٩٨٣

ڇاپو: هندستان ۾ ٻه ڇاپا
سنڌ ۾ پهريون ڇاپو

ٽائيٽل: فتاح

قيمت — ١١

هي ڪتاب م-ع ميمڻ عظمت ادبي اڪيڊمي طرفان سردار پرنٽنگ پريس، سامهون بجلي آفيس گاڏي کاتو حيدرآباد مان ڇپرائي پڌرو ڪيو.

پاران ايم ايچ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# مهاڳ

سندري اتمچندانيءَ جي ڪهاڻين جي ميڙ ”ٻهار ٻهار ٻهڙا ٻهڙا“ کان پوءِ سندس ڪهاڻين جو ٻيو ميڙ ”تو جنين جي تات“ حاضر آهي. اسان ”ٻهار ٻهار ٻهڙا ٻهڙا“ کان ليکڪن کي رائلٽي ڏيڻ جو فيصلو ڪيو آهي ۽ سڀ کان اڳ پهرين سندريءَ کي سندس ڪتاب ٻهار ٻهار لاءِ رائلٽي ادا ڪئي وئي آهي ۽ هن ڪتاب تو جنين جي تات لاءِ به مناسب رقم بطور ائلٽيءَ جي پيش ڪئي وئي. انهيءَ سلسلي ۾ سنڌ ۽ هند جي مڙني سنڌي ليکڪن کي گذارش آهي ته هو پنهنجي ڪتابن جي ڇپائي لاءِ اسان سان لهه وچڙ ۾ اچن. جيئن کين سندن محنت جو ٿورو گهڻو اجورو به ملي سگهي. اميد اٿم ليکڪ ڀائر تعاون ڪندا.

ساٿ سلامت

عمر ميمڻ

# فهرست

| صفحو | مضمون |
|---|---|
| ٥ | ١- توچنين جي ڏات |
| ١٣ | ٢- معصوم التجا |
| ٢٢ | ٣- رجني ۽ آرسي |
| ٣١ | ٤- ڪاري رات |
| ٣٩ | ٥- ٻکي سُوڀهنو پنهنجي |
| ٤٧ | ٦- پرزا.... پرزا |
| ٦٠ | ٧- دل شيشو آهي |
| ٨٠ | ٨- ممتا |
| ٩٤ | ٩- چمن وارو |
| ١٠٢ | ١٠- چاچي چيلي ماءُ |
| ١١٠ | ١١- تڙڦ |

# تو جنين جي ذات....

گهڻي سوچيو، ”منهنجو ڀلا آدرسن سان ڪهڙو موهه. مون ته فقط ڪين پڪوڙا تري ڪارانا، ٽڪيون سنبوسا ٺاهي ڏنا. وهاڻه ڪرڻ آيا هئا، وهاڻه ڪري موٽي ماڳ هليا ويا. ڌرمشالا ساڳي آهي، آءٌ ساڳيو آهيان، اجايو ويٺو پور پچايان.“

مگر پوءِ ته ڪوئي پاڻيهي نٿو پڇائي، پنهنجو پاڻ من پيو چوندو:

”آدرسي آئي ويا مڙهيون مون ماڙين
جيئاريو مارين آنهن سنديون ڳالهڙيون.“

.... سال ٿي ويا. گهڻو حيدرآباد جي ديئوءَ واري پڙ ۾ ٻاهر کٽ وڇائي سمهيو پيو هو. ”گهڻا ٻيهن جي رس جي ٻروٽي.... گهڻا آئي جا مرچن جا پڪوڙا. گهڻا مون کي ڏي نه سنها پڪوڙا، ڪيڏي مهل کان ٻيٺي آهيان....“

”ڇوري هٽ ته هيٺ ڪر، هٽي ٽالهه ڏي نه ڪيرائي ڇڏين.“ گهڻي سمهڻ ڏي پاسو ورايو ته کيس کٽ جو واڻ چڀڻ لڳو. پنهنجي پوري اکين اندر آن وڏگهرائيءَ هيسيل ڇوڪريءَ جو چهرو ياد ڪري گهڻي واڻ کي، چانئيءَ ۽ پاسرن ۾ خوب زور سان چڀڻ ڏنو. انگوڇي

جو ٽڪر ڇڪي وارن ٻرندڙ ڇاتيءَ تان پڳهر اگهي ڇڏيو هئائين. هڪڙي اک کولي چوگرد واھومنظر جي ڇڪاس ڪيائين. ٻوڇي هٿ وارو ڪنڊي پرتي پيل کٽ تي آڻي ويٺو هو. سندس پر واريءَ کٽ تي ڪاون واري ڳاڙهي ڪوٽي ۽ ڪاريءَ گهير واري هرمچو پيل پري پائيندڙ چمپا به آڻي ويٺي هئي. ٻئي ڏينهن تي هي ٻئي پنهنجي ملڪ ڪڇ ڏانهن لڏي وڃڻا هئا. گهڻي کي به هلڻ لاءِ چيو هئائون، پر گهڻي چيو هو، "توهان ته ڪڇي آهيو پنهنجي ڪڇ ملڪ ڏانهن ويندا، اسان جي ٻي ڪهڙي سند رکي آهي، جتي وينداسين؟" ڪڇيءَ چيو، "گهٽ ته ڪهڙي آهي؟" گهڻي واڻ جي سُوڻن کي ٻانهن جي ماس ۾ هڻندي چيو هو، "مانون تڏهن آهيئين پاڻ ملهائيندو؟"

رمتي تان آمدرفت ڏيري ڏيري وڌڻ لڳي هئي ۽ گهڻو پنهنجي آگهاڙي ڇاتيءَ تي جهڙو ٺڪ ڪندو آڻي ويٺو هو. آپاسي اڏ تي رڪجي ويس. جهڙو اڇا هٽ ۾ ٿي هوس. جهڙي پاڻي جي وقت وارو نظارو اکين ۾ لهي آيس. وڏي پاءَ جي شادي ٿي هئي رات جو ۽ جهڙا صبح جو گهڻي کي پاڻا ويا هئا. گهڻي گهونگهٽ ڍڪيل ونيءَ جا آڇا پيڙ جهڙا پير ۽ مينديءَ رتل ڀڪندڙ هٿ ڏٺا ته من ۾ چيائين، "مان به وڏو ٿي پاپيءَ جهڙي سهڻيءَ ڇوڪريءَ سان شادي ڪندس. ڀلا جيڪب آباد ۾ مونهن جي ڪاڪوٽ؟"

پر آڪاس جي گرميءَ واري هڪ چانڊوڪي رات ۾ گهنو، چوٽ تي پيل کٽ تي ننڊ مان جاڳي پيو هو. ڪيس هيٺ وڇايو هو، سو جيئن ئي ننڍي کٽ تان لهي ڏاڪڻ ڏانهن وڃڻ لڳو، تيئن ئي سندس نظر وڃي هڪ سندر استريءَ تي پيئي. هوءَ چنڊ جي هار هاران ٿيندڙ چانڊوڪيءَ ۾ بي‌خبر سمهي پيئي هئي. ڳاڙهي ريشم جو گل پئي ٽهڪيو، سندس ڪن وٽ. تلڪ پڙيءَ تہ اچي نراڙيءَ کي ٿي ڪاٽس، سوني جهرمري اڇيءَ ڳچيءَ مٿان آلس ٿي پيڳو ۽ آمبرت جي ڏارا هئي، جا سندس ڇاتيءَ مان پر ۾ سنئل پالڪ پئي پيتي. گهني، چور نگاهن سان چوڌاري نهاريو. ڪير ڪين ٿي جاڳيو. گهنو ڪجهہ دير بيٺو رهيو. راجا جي خزاني مان چوري ڪندڙ ڪوتوال جيان پڪهر ۾ شل، ڪوئي سندس ڇاتيءَ اندر سهرون هٿي رهيو هو: ”هي خزانو راجا جو آهي، جو ڪراچيءَ مان دڪان لاءِ سامان وٺي ويو آهي. تون ڪوتوال آهين — تون رکوال آهين، چور ناهين — پر چوري مان ڪريان ٿي ڪٿي تو؟ خزانو جنهن جو مان رکوال آهيان، ان جي دل مان ڏس جو بہ آڌڪار ناهي سون کي؟“

”نہ گهنا نہ. فقط رکوالي ڪرڻ تنهنجو فرض آهي.“ ۽ گهني پنهنجي کٽ تان چانڊني ڪٿي پاڻيءَ کي ڍڪي ڇڏيو.

واري جي هاڪ پڇجي ويٺي. گهڻي ٻار کي "گهنشام"
مان ڦيرائي "گهنو" ته ڪيو هو، پر گهڻي لفظ مان
به هاڻي ڪيس اتري نه، پنهنجائي ٿي وئي هئي جو
هوي: پڪوڙا آڻ ناهيان ۽ مشهوري ٿئي ڪوڙوءَ جي.
هٽندي هٽندي اسٽيشن کان پري ديهوءَ جي پڙ ۾ گهڻي
کي هڪڙو ٻهرو مسواڙ تي ملي ويو ۽ گهنو ڪوڙوءَ
جي دڪان تان اٿين گم ٿي ويو، جيئن جيڪب آباد
مان ٿيو هو.

گهڻي ٻهري کي دڪان ٺاهڻ ۾ وس ڪري وڌو.
گهڻي جي پڪوڙن ۽ ٻهڻ جي ٻهروٽين جي هاڪ
ايتري ته پکڙجي وئي جو ڪٿان ڪٿان جا ماڻهو ٻارن
کي گهڻي جي دڪان تي موڪليندا هئا. جڏهن هرڪو
"گهنا رس ۾ ٻهروٽي ڏي .... گهنا پڪوڙا ڏي .. گهنا
چولا ڏي." چوندو هو، تڏهن گهڻي کي پنهنجي هستي
ڪنهن وڏي گهر کي گهوٽ ماڻهءَ جهڙي محسوس
ٿيندي هئي.

مگر جڏهن گهڻي ڏٺو ته اوچتو ئي اوچتو سندس
نالي پڪارڻ وارا لڏي وڃي رهيا آهن، تڏهن سندس
دل ڪاڇي ويٺي: "تڏهن هاڻي مان ڪنهن جي به ڪپ
جو ناهيان؟" هڪڙي ٻوڇي هٽندڙ ڪڇيءَ کي، ڏال
موڙو ڪٽي ٻار سان گڏ رهائين، پر آهي به توري گهڻي
ڏينهن وڃي وڪڙ پيڙا ٿيا. گهنو اڪيلو ٿي، هاڻي ٻهري
اندران ڪڙو ڏيئي اندر ڇهڻ لڳو. پاڙي جي چئن

ڇڱن مسلمانن ته ڇيو هوس، ”گهنا، اسان حي جان ته توهان لڳي، پر ٻچڙا ماڻهو به ته جهان مان موڪلائي ڪيون ويا آهن!“

گهني کي هاڻي چاچي ياد آئي، پاپي ياد آئي. مگر جيڪب آباد جي اسٽيشن تائين پهچندي پهچندي ٿي ڪيس پروڙ پئجي ويا ته جن کي ڪڏهن هو پاڻ ڇڏي آيو هو، سي اڄ کيس ڇڏي ويا هئا. گهر ۾ وچي ڏاڍين کي وڻنل ڏنائين ته ڇهه ڇڄي پيس. پاڙي وارن کان ٻچا ڳاڇا ڪيائين ته خبر پيس ته چاچي ورهين کان گهني کي ڳولڻ لاءِ نٽ پٽن سان هٽي بيٺي هئي، تڏهن گهنو روئي پيو.

گهنو رات جي وڳري ۾ ترڪي ٽوپي مٿي تي رکي، اسٽيشن طرف روانو ٿي ويو. ڪٽن جو اوناڻ ڪڏهن به کيس اهڙو خراب ڪين لڳو هو، جهڙو آن وقت جيڪب آباد اسٽيشن جا ون ڇڏڻ مهل لڳس.

هندستان ۾، ڇڙي ڇانڊ گهني کي وسو ڏکي ڳالهه ڪانه ٿي. هيڏي هندستان جي هڪ ننڍي شهر ۾ ٿي، ٽالهه پڪوڙن جا وڪڻي آئندو هو. آهستي آهستي سندس ڌندو اڳي کان اڳرو ٿيندو ويو، پر ”پچيا ديو، رکڙا پاڻ ڏيو،“ مان گهني کي آهو سواد نه پئي آيو، جيڪو حيدرآباد جي ”گهنا پڪوڙا ڏي، گهنا ٻيهن جي رس ۾ ٻيروڙي ڏي.“ منجهان ايندو هوس. سندس روح رات ڏينهن پري پري ڪٿي پٽڪي نڪري ويندو هو.

اڪيلو اڪيلو ٻاڻ کي ڪاٺ جي دڪان جي اندر سٿيندي، سندس روح جيڪب آباد مان لڏڻ وقت اونائيندڙ ڪتن جيان رڙي آئندو هو.

هڪ ڀيري هڪ سنڌيءَ اچي پڇيس، ”ڪهڻا، ڌرمشالا ۾ شادي آهي، راڌائوءَ جو ڪم ڪندين؟“ ڪهني ڀهرين ته ڀئسن تي ڏاڏل ڪني پر اهو سوچي ته سنڌين جي شادي آهي، متان ڪني جيڪب آباد وارن جو ڪو ڏس پتو ملي پوي، ڳالهه مڃي ويو. ليڪن مالها جي ڏتل ڏاڻن جو ميل ڪو مشڪل ٿئي. پوءِ به ڪهني کي هيءَ ڪم ايترو ته پسند اچي ويو، جو هاڻي ڌرمشالا ۾ شاديءَ لاءِ آيل سنڌين کي ڏسندو مس هو ته بس پڳو ويندو وٽن. وڃي هٽ ٻڌي ويهندن، ته ”آدا! راڌائوءَ جو ڪم مون کي ڏجو. پنهنجو سنڌي ڀاءُ آهيان.“

وهاڻءَ وارا روز ٻولڻ تي ڪهٽي ردبدل ڪندا هئا. پر ڪهنو هاڻي خوشيءَ سان ڪس ڪاڻي مڙي ويندو هو. روز جو اگهه ته ڪهني لاءِ موُر مثل هو، پر وياج ۾ ڪيس جيڪا شاديءَ جي چهل پهل — سنڌي لاڏا، جهمريون، ڳلن جي سڳنڌ ۾ سنڌين جي ڳالهائڻ ٻولائڻ جو وايومنڊل هلندو هو، سو ڏي ڪيس سڀ ڪان مٺو لڳندو هو. هو پنهنجي روح اندر ٿيل ڦٽ تي ڪڙي پڇهندي محسوس ڪندو هو.

ليڪن وهانءُ پورو ڪري جڏهن سنڌي آسهندا، تڏهن ڪهني کي ڪو ڏسي، جڻ سوُر ڪائيندڙ جانور

جيان ڀيو ٻاما ڪنبون ڏيئي ڪُوڪندو، وڃي وارا
هاڻيا ڻي ويندا آهن، پر اڳين ۾ ڪوئلن جي رڪ، خالي
ٿيل ڦان جا ٽوڪرا ۽ پاڻلن جا ڍير — گهڻي کي لڏپلاڻ
جو وقت وري وري پيا ياد ڏيارين. ورتي ورتي مائٽن
کي ڏسڻ لاءِ تڙڦ هن جي دل اندر زور زور سان اُڀري
آئندي آهي. سالن پڇاڻا بہ سندس آمد، رڪ ۾ لڪل
ڳائبي جيان اندر ئي اندر چرڪندي ٿي رهي. هر دفعي،
ڌرمشالا خالي ٿيڻ مهل گهڻي جو روح، جيڪب آباد
ڇڏڻ واريءَ رات واري ڪتي کي اوناڻيندو ٿو ٻڌي.
آها منحوس اونار کيس اڄ رات ننڊ ڪرڻ نہ
ڏيندي آهي. ۽ گهڻو سوچيندو رهندو آهي.... ۽ ڪجهہ
ڪجهہ ياد ڪندو رهندو آهي.

# معصوم اِلتجا

اڄ مون پنهنجي موهنيءَ کي لپاٽون هنيون آهن. هن جا ڳل لال ٿي ويا. رڙيون ڪري رنائين. سڄي پاڙي ڏٺو. سڀني سنڌين ڏٺو. هڪ ٻار اسڪول وڃڻ کان انڪار ڪري رهيو آهي. اسڪول جي بس آئي. منهنجي جگر جي ٽڪر کي روئندو ٻاڏائيندو ڪٺي ويٺي ۾ مان پاري هردو ڪٺي پنهنجي ننڍڙي گهر ۾ دک جي وڏي ساگر ۾ ٻڏي رهي آهيان. موهني هينئر اسڪول ۾ هوندي، اتي سنڌس قد کان وڏا بينچ آهن، مان اکين سان ڏسي آئي آهيان. ننڍڙي موهنيءَ، ڇهن ورهين جي موهنيءَ جي دل جيترو ننڍڙو ڪلاس آهي. ننڍا وڏا ٻار بي ترتيب ويٺا آهن. ڪنهن وقت ماستر ڪلاس ۾ ناهي ته ڪيترائي ٻار روئڻ پيا، ڏڄهن پيا، ڦٿڪن پيا. وڏا ٻار ننڍن ٻارن کي ماريو وجهن. منهنجي دل ان ماڻهيءَ جي دل جيان ڇهرجي رهي آهي جو پنهنجي ننڍڙي ٻوٽي کي، ڪشالن سان هٿ ڪيل ٻوٽي کي خراب زمين ۾ دٻي رهيو هجي.

ڪوئي چوندو ٻوءِ خراب زمين ۾ پنهنجي ٻوٽي کي ڇو ٿو ٻوڪين، ٻر مان ڇا ڪريان؟ پيلا اها ئي واريءَ ڪاڏڙ زمين ته، پنهنجي زمين آهي. مون کي ان سان

اميءَ جي هٿ کي پنهنجن ننڍڙن هٿن سان زور ڏيندي چيو هوم، ”آلا!“ پر اڄ .... مون موهنيءَ کي ٽڪي ٽڪي اسڪول موڪليو آهي ۽ هن پاڙائي پڻ چيو، ”مان پينگهن ۽ باغن واري اسڪول ۾ ويندس. مون کي نئون اسڪول ٺهرائي ڏي نه آمي!“

ڀل ته منهنجي به آهي، پر ان کي ڀل به ڪيئن چوان؟ سچ ته اها ڪنهن لحاظ کان ڀل نه به آهي. موهني اڃا ڇهن سالن جي هئي، ڪجهه سمجهه جهڙي مس ٿي هئي، جو مون کان آکاڻيون ٻڌڻ لڳي. هڪ آکاڻي ٻڌايانس ته چوي، ”ٻي ٻڌاءِ.“ ٻي ٻڌايانس ته چوي، ”ٽين ٻڌاءِ.“ ڪڪ ٿي چوانس، ”موهني! تون پاڻهي نٿي آکاڻيون پڙهين؟ هيڏا ڍڳ ڪتابن جا ته رکيا آهن. مون کي ته روٽي به ٺاهڻي آهي، ڪپڙا به سبڻا آهن، گهر به سهيڙڻو آهي.“

”ڀلا اسڪول ۾ ڇو نه ٿي موڪلين ته مان پڙهي سکي اچان؟“

”گل، تون اڃا سال به ننڍي آهين. وڏي ٿيءُ ته پوءِ اسڪول موڪليندي سانءِ.“ ان ڏينهن کان وٺي هوءَ اسڪول ۾ ويندڙ ٻارن کي ڏسي دريءَ جي شيشن وٽ بيٺي وات تي آڱر رکي روز پڇندي هئي، ”آمي، مان اڃا وڏي ڪين ٿي آهيان؟“ جنهن ڏينهن مون چيو، ”ها، موهني اڄ تون ڇهن سالن جي ٿي آهين.“ تنهن ڏينهن مون کي خبر آهي ته هوءَ ڪيڏو نه خوش ٿي

هئي. منهنجي ڳلي ۾ ٻانهون وجهي زور سان ٻاڪي
پائي چيائين، ”آمي، هاڻي سان سڀ آکاڻيون پڙهي
سگهندين نه؟ گلڙيءَ واري آکاڻي، ڏيڏريءَ واري آکاڻي،
ڪل هٿ نه لاءِ، ڪل پير نه لاءِ ۽ ها آمي، چل ميرا
مٽڪا ٺمڪا ٺوءُ واري آکاڻي سڀ پڙهي سگهندين.“

ٻالڪيءَ ٻوڌ ۾ پيرجي منهنجو منهن چمي ورتو.
موڻ ڪيس ٺمڪن تي وهاري ڳلڳولڙي ڪرائي چيو،
”ڳلڳولڙي، مکڻ ڦولڙي، ناناڻي وينديَ ڪين ڏاڏاڻي؟“
”نه آمي، ٻچ اسڪول وينديءَ؟“
”چڱو اسڪول وينديءَ، ڪين گهر ۾ هونديءَ؟“
”اسڪول....“ هن موٽين جهڙن نيڻن ڏندن سان
ڪليو. ڳلن ۾ نيڻڙيون کڏڙيون پئجي ويس. هاءِ، ڪهڙو
نه مٺڙو مهانڊو! اسڪول جو ٻڌي ڪيئن تي ٺري!
مون ڪيس چمي ڏيئي چيو، ”اسڪول ۾ باغ، اسڪول
۾ پينگهون، اسڪول ۾ مٺڙي دادي.“
موهنيءَ منهنجي ٺمڪن تي لڏنديءَ، ڪلي ڪلي چيو،
”داديءَ جي شادي.“
دل ۾ چيم، ”هيءَ مٺڙي ٻالڪي ته شاعرا ٿيندي
شاعرا!“ ٺمڪن تي جهنجهلائيندي چيائين، ”ٻڌاءِ آمي
پوءِ ڇا هوندو اسڪول ۾؟“
”ها تنهنجي دادي ڪندي شادي، ان کي ڇنڊي
ڏيءَ. اها ايندي پڙهڻ، توکي ملندي ساهيڙي.“

ڪنهن ننڍڙي گهر کي ئي صاف سانت ۽ ڪلا سان سينگاري.

موڻ موهنيءَ جي مٿي تي پيار جو هٿ ڦيرائو ته هوءَ پنهنجي خواب مان سجاڳ ٿي پيئي، "امي! اسڪول اسان جي گهر کان ڪيترو وڏو هوندو؟"

"ها ڪل! تمام وڏو هوندو." مان تڪڙ ۾ کيس کاڌو کارائي اسڪول وٺي ويس. ان ڏينهن ته هن رنو ڪين. خوشيءَ ۾ ٺي پوري هئي. وڏي بينچ تي ويهي رهي. ڪلاس جي ڪوٺي، منهنجي گهر جي ڪمري کان به ننڍڙي هئي، هڪ پٽ ۾ پرگهه، جيڏنهون قالين، بنا سيخن دريون هيون. ان مهل به هڪ ڇوڪري دريءَ تي چڙهي ويٺي هئي. جنهن کي هيٺ بزار ۾ ڪرڻ جو ڊپ ڏيئي لاهي بينچ تي وهاري آئي هيس. ڪي ٻار ڏڃهي روئي رهيا هئا. وڏا ٻار ڪين چيڙائي رهيا هئا. ٻارن جي راندين لاءِ ڪوٺي ميدان ڪين هو. ڪلاس کان ٻاهر لنگهڻ جي جڳهه، به بلڪل سوڙهي هئي، جتان رسيس مهل ٻار هڪٻئي سان ٽڪرجي ٿي لنگهيا. گس گساءِ ۾ هڪ ٻار جو ٽيلهو ڪري پيو، سليٽ پڇي پيئي ۽ ٻ، ٻار هڪٻئي جي ڪالرن ۾ هٿ وجهي اٽڪي پيا. هڪٻئي کي ڌونشا هنيائون، رهنڊا پاتائون. هڪ ماستر جو اتان لنگهي رهيو هو، ان کي هي ننڍڙا سان، اچانڪ ڌونو هٿي وٺا ۽ ماستر پر ڪري ٻ ڇماٽون وهائي ٻنهي کي جدا ڪري ڇڏيو.

مون سوچيو، "ڪئين ڏينهن موهنيءَ جي به هن طرح سلوڪ پئي سکي ٿي ۽ موهنيءَ کي به هن طرح ڪيل ٿي چاٽ جهڙي سکي ٿي، پوءِ موهنيءَ جي معصوم دل جو ڪنول پلا ڪيئن کلي سگهندو؟ آخر سندي اسڪول هوڙا ڇو آهن؟"

اوڏيءَ مهل ته ٻالڪيءَ کي نئين اسڪول جي اُتساه ۾ ڪجهه به ڏسڻ ۾ ڪين آيو، پر سچ به ڪڏهن ٽريءَ هيٺان لڪي سگهيو آهي؟ موهني جڏهن اسڪول مان موٽي، تڏهن سندس چال ڍلي هئي، منهن تي رونق ڪين هئس. تڏو وڇائي مان مٺ ۾ اچي نئين سليٽ تي ڪجهه ڪجهه لکڻ وٺي. مون کيس ٻاڪي پائي ڇيو، "گل، اسڪول مان ڇا آئين؟" هوءَ منهنجي ڳاي ۾ ٻانهون وجهي اچي ڏورانهن ۾ چئڪي، "ها اسڪول ۾ باغ به ڪونهي، پينگهون به ڪونهن.... ننڍڙو ته اسڪول آهي. منهنجي ساهيڙيءَ 'لاج' جو ڪيڏو نه وڏو آهي!"

"گل، اهو ته انگريزي اسڪول آهي."

"مان به ان ۾ پڙهنديس."

ٻئي ڏينهن تي مان موهنيءَ کي انگريزي اسڪول ۾ وٺي ويس. ڇوڪريون ننڍيا ننڍيا ٻار ڳائي رهيا هئا:

"جئڪ آئنڊ جل، وينٽ آپ دَ هل
بابا بليڪ شيپ، هئو يو اين وول."

هڪ ٻار ڪوڙيءَ مان اچي موهنيءَ کي چيو،

„پيسي ڪَٽُ، پيسي ڪَٽُ، ونئڻ هٿو ٻوٽ ٻر؟“

منهنجي موهنيءَ ڪجهه ڪين سمجهيو ۽ روئڻهارڪي ٿي وئي. هيسيل نگاهن سان سڀني ٻارن کي ڏسندي رهي. مون کي اوچتو احساس ٿيو ته انهن وڏن ماڻهن دوستن ۽ هوادار ڪمرن واري شاهي اسڪول ۾ منهنجي موهنيءَ کي ٿاڻو واري جا آتما آهي، سا بلڪل ڌاري آهي. جيئن غريب ماءُ پنهنجي غربت ڏسي ڪنهن شاهوڪار بي اولاد کي پنهنجو ٻار ڏيڻ ته چاهيندي آهي پر عين ڏيڻ جي موقعي تي سندس ممتا جاڳي اٿندي آهي ۽ ٻار کي ڇاتيءَ سان لائي ڊڪندي ڀڄندي پنهنجي غريباڻي اجهي ۾ وڃي اکين مان ڳوڙها ڳاڙي ٻار کي هزار بار چمي وٺندي آهي، تيئن مان به پنهنجي موهنيءَ کي انگريزي اسڪول جي ڌاري ماءُ کان ڇني، گلن ٻوٽن جو موهه ڇڏي، پنهنجي سنڌي اسڪول ۾ وٺي آيس....“

اڄ هن کي زوريءَ سنڌي اسڪول ۾ موڪليو اٿم. هينئر هوءَ پنهنجي سوڙهي ڪلاس جي ڪنهن وڏيءَ بينچ تي ويٺي هوندي. سندس ڳلن تي اڃا به ڳوڙها چمڪندا هوندا. ننڍڙي ڇاتيءَ اندر اڃا به هڪ سڏڪو دٻيل هوندو، پر چوگرد ننڍن ٻارن کي، پنهنجي سنڌيءَ ۾ چوندو ٻڌو هوندائين!

„ڏهه ننڍيون جهرڪيون ٽپڙين ٿيون ٿڻو، هڪڙي آن تي سڙي وئي، باقي بچيون نوَ....“

"جيڪو ڪير به ٿي سو وٺ ٿي...."

"آئي آئي امان، بدڪ ٿي وڃان. بدڪ جا ٻچا، ڏسو پيٺي ڏسان. ٻچو پيٺي ٻچان...."

ع شايد موهنيءَ به پنهنجي سٽ ٺاهي ڇڏيو هوندو، "بدڪ جا ٻچا ڏسو پيٺي ڪلان."

ع هوءَ ڪلي پيٺي هوندي. سندس ڳلن تي ڪرڻ ڳوڙهن وٽ ڪڏڙيون ٺهي پيئون هونديون. ڪيس تہ شايد سنهنجي لپاٽ بہ وسري ويٺي هوندي .... پر مان سندس معصوم اِلتجا کي ڪيئن ڀلجي سگھنديس، "آمي مون کي نئون اسڪول نهرائي ڏي!"

# رجني ۽ آرسي

آرسي ۽ رجني،

عجيب ساهيڙپ آهي ٻنهي جي. روز رات جو سمهڻ کان اڳ، هوءَ آرسيءَ اڳيان وڃي وار ٻڌندي آهي. سندس وار گهنگهرالو ۽ ننڍا آهن، ٻڌڻ کان پوءِ ننڍين چمڙن وانگر سندس ڪنن وٽ لٽڪي پوندا آهن.

رجني ڊريسنگ ٽيبل جي اڳيان وڃي آرسيءَ ۾ نهاري رهي هئي. آرسيءَ جي سامهون در ۽ دري هئا، ته مان ڪالونيءَ جا گهر ۽ خاص ڪري ٻتيون آرسيءَ مان ليٽا پاڻي پاڻي رجنيءَ کي ڏسي رهيون هيون. رجنيءَ جا گهنگهرالو وارن اڄ ٻارن جيان ٽينگ ٽپا پئي ڏنا. هٿن ۾ آيس نٿي. سامهون آرسيءَ ۾ ٻتيون، جي آڪاس جي تارن جيان ٿي لڳيون، سي به هڪ هڪ ٿي وسامي ويون. رجنيءَ کي لڳو سندس گهر جي ٻتي هاڻي وڌيڪ تيز ٿي وئي هئي. آرسيءَ وارو آڪار به کيس وڌيڪ گهرو معلوم ٿيو. اوچتو محسوس ڪيائين ڪلهڙ جو آواز.... آرسيءَ واري رجني پڇي رهي هئي، ”سو سياڻي هُو توسان گڏجي ايندو؟“

”اڃا به خبر نه اٿئي ته مرد ڇا ٿيندا آهن؟“

”جيئن عورت چڱائي ۽ خرابيءَ جو مرڪب آهن تيئن مرد به آهن.“

”پنهنجي ڀيڻوئي جي وارتا وسري چڪي آهي تو کان؟“

”مون هن کي پرش نه ديوتا سمجهيو هو.“

”۽ ڇا نڪتو؟“

”جيڪي نڪتو آن ۾ منهنجي ئي غلطي هئي. مون کي سمجهڻ کپندو هو ته انسان انسان آهي؛ خواهش ۽ ضابطي جو عجيب مرڪب.“

”ضابطو ۽ انسان! ڪهڙو ضابطو ڏيکاريو تنهنجي ڀيڻوئي صاحب؟“

”مون به ته گهٽايو ڪين هو. پنهنجي آفيس جون پڪنڪس، سندس آفيس سان رٽيل سير، جتي ڪٿي ساڻس گڏ ويندي هيس. ڪيڏا ڏک هٿندو هو، ڇهنبڙيون پائيندو هو. مان ڪڏهن به اعتراض نه وٺندي هيس. نه ته ڇا ڪيس همت ٿئي ها چوڻ جي ته ’مون سان شادي ڪري ڇڏ؟‘ اوهه! ان مهل زمين جاءِ ڏئي ها ته جيڪر پيهي وڃان ها....“

”تو ته غريب کي چماٽ وهائي ڪڍي، ها ها ها....“

”ته ڇا ڪنديس. اجايا ڏهڪ نه ڏي. ڀيڻ جي ڀاڄ ۽ مان! ڇو اهڙو نيچ سمجهائين، مون کي!“

”مون ته چيو نه سڀ مرد اهڙا ٿيندا آهن.“

”مگر هن جو جواب ياد اٿيئي؟ هو ته وائڙو ٿي ويو. پڇيائين: ’تنهنجي مون سان هيتري رهل ڇيل هلت،

ڇا پيار نہ ھو؟' ان مھل تہ جوش ۾ ڇڙو مانس، 'پيار پيار مان ڪجھہ نٿي ڄاڻان. مان پنھنجين ساھيڙين سان بہ اِن طرح ٿي تہ ھلندي آھيان.' ليڪن ھاڻي تہ مان آھا ساڳي ناھيان."

"پوءِ بہ تہ ٻاھہ سان ڪيڏنهن ھلي آھين."

"مان بہ تہ ٻاڻي آھيان."

"ڏسي وٺبو سياڻي تنھنجو رعب."

رجنيءَ منھن سوڙ ۾ اندر ڪري ڇڏيو. سندس اکين اڳيان آفيس جو نظارو اچي بيٺو. چندر مٿي کي ھٿ ڏيو فائيل اڳيان کولي ڪلاڪن کان اٿين ٿي ويٺو ھو. رجنيءَ اٿي اڳيان اچي پڇيس، "ڪائي غلطي ٿي ويئي آھي توھان کان؟"

"ڪجھہ سمجھہ ۾ ٿي نٿو اچي. ڪيترا ڀيرا ڊرافٽ پڙھي چڪو آھيان، پر سمجھہ ۾ ھڪ اکر بہ نٿو اچي."

"ھلو ڪينٽين مان چانھہ پي اچون."

چندر مجبورن اٿي ھلڻ لڳو.

چانھہ پيئڻ وقت اٿي رجنيءَ پڇيو، "توھان جي من تي ڪوئي بار آھي نہ."

"نہ نہ. اھڙي ڪائي ڳالھہ ناھي." چندر جي مک تي زوريءَ آندل مرڪ ڦڏ ڦڏ ڪري رھي ھئي.

رجنيءَ چانھہ خلاص ڪري چيو، "توھان جي من تہ مونجھاري ڪئي، توھان جي منھن تي پڪيڙي ڇڏيو آھي. ليڪن مان فقط توھان جي ھمدرديءَ ڪئي ٿي

نڪرائي سگهجي ٿو. باقي تڪليف کي گهٽائي ته نٿو سگهجي."

چندر چپ رهيو.

شام جو رجنيءَ پنهنجي ميز تي هڪ پرزو ڏٺو. لکيل هو، "توهان کي اعتراض نه هجي ته مان سڀاڻي توهان کي ڪٿي گڏجان. شايد منهنجي من جو بوجهه توهين هلڪو ڪري سگهو؟ پرزي جي مٿان به ڪوئي سرنامو ڪين هو ۽ پڇاڙيءَ ۾ به فقط "توهان جو پنهنجو" لکي ڪابه صحيح نه وڌي ويئي هئي. رجنيءَ ڪلي ڪمد مٿي ڪيو ته چندر کي جواب جي انتظار ۾ ڏٺائين. سندس ويجهو اچي چيائين، "سڀاڻي آرتوار آهي. منهنجي گهر هليا اچجو." چندر جي چپن تي مرڪ هئي...

رجنيءَ محسوس ڪيو سوڙ جي اندر سندس چپن تي به هڪ مرڪ هلي آئي هئي. سوڙ کي هٿ ڇڪي رجني چپ چاپ سمهي پيئي. ڪيڏي مهل ننڊرا ديوي سندس چپن تان مرڪ ڇني کڻي وئي، سا کيس به خبر نه پيئي.

رجني صبح جو آئي ته سمجهائين وانگي روشن ڏينهن کيس پنهنجي گود ۾ کڻي ورتو آهي. ليڪن ڏيري ڏيري ڪمڪاريون ڏينهن کي گهٽيندا ويا. ڪيتريون ساڙهيون، بلائوزر ميرا پيا هئا. تن کي ڌوئڻو هوس، ڪانجي ڪرڻو هوس ۽ هوا ۾ ٽڪائڻو هوس ۽ پوءِ استري ڪري ڪٻٽ اندر سجائڻو هوس. ماڻس اڪيلي

ڪٿڪ سوئي رهي هئي. ٿوري ٻچڙا ڪٿي آهيو هو.... سنڌبل پالش لاءِ سڏي رهيا هئس.... ايترا ڪم پورا ڪندي به رجنيءَ فرصت جون گهڙيون ڳولي ٿي ورتيون.

چندر آيو ۽ ڪو وقت ويٺو رهيو.

رات جي اونداهي سيني ٻرڪن کي ڪاري بادل جيان اچي گهيريو. آسپاس جي رهڻين مان متر راڳ وڄڻ وڄي بند ٿي ويا. آڌي جون ڏڪون رات جي سناٽي ۾ اڀين هيون، جيئن اونداهي ۾ ڪڙڪيتوا وَرُ وَرُ ڀڪن. پريان گهرن مان ٿوري وقت لاءِ جهڳڙي جو آواز پڌن ۾ پئي آيو. نيٺ آهو به سانت ٿي ويو. دريءَ مان رجني آڪاس جي ٽڪري کي لٽڪندو ڏسي سن ٿي ويئي. ڪيترا تارا هئا، آن ٽڪري تي ڪيتل ـ مگر ايترو بي‌ترتيبيءَ سان جيترو بي‌ترتيبيءَ سان ڦهليل هئا، رجنيءَ جي من جي سطح متان خيالن جا موتي. هوءَ اڄ وارن کي ڇڳرو ڇڏي من اندر موتي سيرهڻ ويئي. اوچتو ٿي جو آرسيءَ تي سندس نظر ويئي ته چرڪ نڪري ويس: آرسيءَ ۾ ويٺي هئي ڪلهوڪي سکي. پروُن چاڙهي پڇڻ لڳيس، "آخر ڇا ڏسي ويٺي، تنهنجو پنهنجو؟"

"ڪجهه به نه نه،" رجنيءَ خشڪيءَ سان سکيءَ کي ڏنو.

"ڏاڍي خوش ٿي لڳين."

"ڪنهن به سٺي انسان سان ملي خوشي ٿي پراپت ٿيندي آهي."

"سو چندر هو سٺو انسان!"

"منهنجون ڪيتريون سکيون به ته ائڙيون ئي آهن."

"ته مون کان ڇو ٿي پاڻ ڪترائين؟"

"اکيون ٿي ته وڃي آهيان،" چوندي رجني اٿي بيٺي. هائوس ڪوٽ جي وڏي کيسي کان مٺي ۾ مٺي ڪيس پنهنجو سنهو ڏکو آڪار ڏاڍو پيارو لڳو. هڪ بيباڪ مرڪ جا سندس مکڙي تي ڦهلي ته آرسي ۾ شرارت آهڪ ڏسندي اٿي وئي. رجني بستري تي ليٽي پيٽي دهرائڻ لڳي چندر سان ٿيل ملاقات ....

"آمي هي آهي چندر."

"مون ته يڪدم سڃاتو مانس."

"آڇا! اڳي ڪٿي ڏٺو اٿو مون کي؟"

"آمي منهنجي واڻان آفيس جي هڪ ماڻهوءَ جو ايترو ته قصو ٻڌي چڪي آهي جو ڏسنديئي سڃاڻي ورتئي."

"ائين!"

"پٽ، هن جي آفيس ۾ ته تون اڇا هاڻ ٿو نوڪري ڪرين، پر تنهنجي ڪنوار، منهنجي رجنيءَ جي سالن کان سڃاتل آهي."

"آڇا!" آن کان پوءِ ٿيءَ ۾ پئجي ويو چندر.

رجنيءَ ڪجهه ڪاڏي جون چيزون اچي ٽپائي تي رکيون. ماءُ چيو، "توهان جي ديوڪيءَ کي ڪنواري هوندي ته پاڻي لائي جو تمام گهڻو شوق هو."

چندر ڇرڪي رجنيءَ جي ماءُ کي ڇتائي ڏسڻ لڳو، ڪن ترسي چوائين، ”آءٌ پاڻي لائي لاهه ته مون اچا ڪيس ڪجهه چيو ڪي ناهي، فقط ٻار کي اسڪول موڪلڻ جو سوال آهي ته وڏو طوفان مچي ويو آهي.“

رجنيءَ چيو، ”ديوڪي چوندي هوندي ڪانوينٽ ۾ پڙهي ۽ توهان جو وچار هوندو سنڌي اسڪول ۾ پڙهائڻ جو.“

”برابر.“ چندر جي ڳالهائڻ ۾ حد کان وڌيڪ اتساهه هو.

رجنيءَ کلي ڏنو.

چندر سمجهي چپ ٿي ويو.

رجنيءَ سمجهه پاوَ سان چيو، ”توهين وڏيون ڳالهيون سوچيندڙ، خبر ناهي ننڍين ڳالهين کي ڇو وساري ڇڏيندا آهيو.“

”مطلب؟“ چندر جي نراڙيءَ ۾ گهنج هو.

”وڻ کي پاڻي ڏيڻ بدران اُن جي گل کي پاڻي ڏبو ته ڇا ٿيندو. پهرين ديوڪا ئي سنڌياڻي نه ٿي آهي ته ٻار کي سنڌي ٿيڻ ۾ ڪهڙن واهر ڪندي؟“

”توهين ٺيڪ ٿا چئو.“ چندر جي نراڙيءَ مان گهنج لهي ويو هو. ڪرسيءَ کي پٺين ٽنگن تي آياري وري چيائين، ”توهين ٺيڪ ٿا چئو.“

ماءُ چيو، ”ڪجهه کائو ته.“

چندر پليٽ مان هڪ ٽڪر صوف جا ڪاتي تي کڻي کائڻ لڳو. ڪجهه سوچيندو به رهيو. پوءِ چيائين،

"توهان جي اها وڻ ۽ گل جي ڳالهه، مون کي بلڪل ٺيڪ لڳي. ڏسو نه. ديوڪي سنڌي زالن کي خوب ڌڪاريندي آهي. سچ ته آنهن جون ڳالهيون ٻوليون پورو سمجهي به ڪانه سگهندي آهي. ڪانوينٽ جي پڙهيل آهي. آنهن جي سيتا جي ڌي چاڻ اٿس."

"جيڪي سنڌي سيتا کي سمجهن ٿا، آنهن مان به ڀلا گهٽن کي آن تي فخر آهي؟"

"شايد ڳاڻ ڳڻين کي مس .... ليڪن منهنجا گهڻا دوست آهي ڌي آهن."

"مگر توهين ديوڪيءَ کي آنهن وٽ وٺي به ته ڪونه ويا آهيو."

"توهان کي ڪيئن خبر پيئي؟"

"خبر ڪيئن نه پوندي، ڀلا مون وٽ جو ڪڏهن ڪڏهن نه وٺي آيا آهيو."

"برابر گنهگار آهيان، توهان جي خيالن جي چاڻ هوندي به توهان وٽ نه وٺي آيو آهيانس."

"اڻين لڄي نه ڪريو. مان به ته توهان وٽ اچي سگهيس ٿي. هاڻي ته ضرور ايندس ڌي."

چندر ڪنهن دور آئيندي کي ڏسندي چيو، "مان سوچيان پيو، شايد هڪ ڏينهن اهڙي نئين برادري جڙي وڃي، جن کي سنڌي هجڻ تي ناز هجي."

ڪن ڪنن کان پوءِ رجنيءَ کي لڳو چندر جي نظر ڪٿان ڪنهن عالم مان ٿڦي هٽي سگهاري ۽ سڄر ٿي موٽي آئي آهي.

چندر جي وڃڻ وقت رجنيءَ ماءُ چيس، ”ڊوڪيءَ کي وٺي اچج پٽ.“

چندر ڪنڌ ڌوڻي چيو، ”توهان جا شڪرانا....“

رجنيءَ چندر جي ملاقات مان ۽ دهرائي پوري ڪئي ته سوڙ ڇڪي ڪڍي منهن تي وڌائين. پر ۾ ٿي آرسيءَ واري سکي کل کل ڪري چئي رهي هئي، ’شڪرانا!‘ پهرين ڪنهن ڪنواريءَ سان ڳالهيون ڪرڻ لاءِ ٻه گهڙيون موڪل ملي ته شڪرانا مڃڻ ڪان سواءِ، ڪوئي ڪيئن رهي سگهندو؟“

”ڪم ٿي وڃ ڪماڻي. ڪو ٿي ڪنهن روشن ڏيوري جي پرڪاش ۾ وهي پنهنجي ڌنڌلي من کي اوجل ڪري ته تون آن تي ٻه ٽوٽلي ڪندينءَ؟“

”سنڀال ڪج، ڪٿي وري نه ڇمات هٿڻ جي نوبت اچي وڃي. ڪٿي توهان جو پنهنجو وڏيڪ نه پنهنجائي ڏيکارڻ لڳي.“

”پيچ ڇري!“ چوندي رجني منهن ڦيري سمهي پيئي.

# ڪاري رات

سج، آلهڻ کان اڳ، ساڌورام کي گلابي ڪرڻن سان سلام ڪيو، مگر ساڌورام سلام ورائڻ جي مُوڊ ۾ ئي نه هو. "چڱو ٿيو، اهو به ٻڏي ويو." اها هئي سندس من جي ڏارڻا. ڪوئي سندس ڪڙهندڙ من کي ڏسي وٺي ان کان وڌ بري ڳالهه ڪهڙي ٿي ٿي سگهي. زال مڙس جي جهڳڙي ۾ ٽئاڪڙن جو ڪهڙو دخل؟

سندس ٻٽرڪ جا ماڻهو باقاعدي هن جي صندل وٽان لنگهي پنهنجن گهرن ۾ هليا پئي ويا، پر ڪنهن کي به همت نه ٿي، اهو پڇڻ جي ته "ساڌورام ڇو اڄ ڏاڍي ٿاوَ سان ويٺو آهين؟" سڀ پنهنجيءَ وسام ۾ ئي پورا آهن، ڪنهن کي رکي آهي ٻئي جي ٻرڻ جي ٽانگهه!

اوچتو ڏيپو رڙيون ڪندو ٻاهر نڪتو، "بابا، آسيءَ گاسليٽ جو دٻو ڪٺي مٿان ليٽايو آهي."

"نه ڏئي نه ٽهلي! ڇو ماچيس نه ٿو ليئس ڇا؟" ساڌورام ٻڙي دڪائڻ لڳو.

جانڪي سڄي گاسليٽ ۾ ٻڏل، ٻاهر نڪري آئي. پر ڪري ٻه ڏک ساڌورام جي پيءَ تي وهائي ڪيڏائين. "مران ته هونءَ ئي ٿي، باهه ته ڪيئن ڏيندم..."

پڻ ٻئڙڪن جي ٻارن ۽ ماڻهن جو ڇڱو خاصو ميڙاڪو مڙي آيو ۽ جانڪيءَ جا ٻار سندس ٽنگن کي چنبڙي پيا. جانڪي سهڪندي سهڪندي مٿن ٻه ٽڪارا ڪيندي وئي، ”پري ٿيو مٺا، مون کي ري ٻاهه جلايو آئس، اڄ سچيءَ ٻاهه ۾ جلي ڏيکاريندسانس. ڪيڏانهن ويو ماچيس؟ او ڇورا، او چنڊال! هيڏانهن ڏي، پيهه ته ... ڏي مون کي ماچيس ....“

ڏيئي ماچيس پريان ٻاهر ڪسيءَ ۾ آچلائي ڇڏيو. جانڪيءَ ٻه قدم ڊڪي وڃي پڪڙيس ۽ خوب زور سان ٽڪو ڪيرائينس. هو وڏيڪ مار ملڻ جي ڊپ کان خميس ڦاڙائي ٻه سندس هٿن مان ترڪي ويو.

جانڪي اندر وڃي پٽ تي ويهي ڇاتي پٽڻ ۽ مٿو پٽ سان ٽڪڻ لڳي — ”هاءِ! مٺيءَ کي موت به نصيب ۾ ناهي. الاجي ڪهڙيءَ ويل، هن نانگ سان پاڻ آڻيو؟ اڙي! هاڻي ڇني ڇوريءَ کي، ناهي پيڪو، ناهي ماڪو. اڙي راوڻ، تو ته منهنجو جيئڻ ئي زهر ڪري ڇڏيو آهي....!“

پاڙي وارن، ڪن گهڙي جو آعزا پرسي ڪئي — ”سيٺي جا حال ڏسڻ وٽي. هرڪو پيو ڪن ڏئي. نه ته هڙي مهانگائيءَ ۾ پيلا جيئڻ آهي؟ نه ....“

ٽيري ٽيري ساري هٿو مٿو ٽري وئي. ساٽو رام ساڳيءَ طرح صندل تي چپ ويٺو هو. سندس نظر سامهون مل جي چمني ۾ کتل هئي. هيءَ ويچاري ٻه سچو

ڏينهن دونهين کي آسمان تائين پهچائڻ جو ڪم ڪندي رهي هئي ۽ هاڻي هڪ ٽنگ تي ٽپسيا ڪندڙ ساڌوءَ جيان چپ ڪري هئي.

جيئن جيئن رات چڙهندي ٿي ويئي، تيئن تيئن بتين جي روشني جهڪي ٿيندي ٿي ويئي. هاڻي صندل وٽان ڪوئي ڪونه ٿي لنگهيو. روز جي آئتڙ اڄ ٻار جيئن ڪمري اندر ويا هئا تيئن ئي چپ هئا. ساڌورام ڪيتري وقت کان پوءِ منهن ورائي ٿڌيءَ اک سان ڪمري کي ڏٺو. ٻار فراسين تي آهليا پيا هئا. جانڪي پٽ تي ڪِرڙي ئي پيئي هئي.

ٻري ڪاٺي ريل ڪُوڪڻ لڳي. ساڌورام کي بدن ۾ سيٽو پئجي ويو. اکيون مهٽي چوڌاري نظر ڦيرائين. سڀني گهرن ۾ بتيون وسامي چڪيون هيون پوءِ به کيس ڪمري ۾ اندر وڃڻ تي دل ئي نه ٿي. ڪمري مان اڃا به ڄڻ کيس شام واري جهيڙي جا آواز پئي ٻڌڻ ۾ آيا....

”روز دال ماني ٻيا ساڌو ڳاهه!“

”نه ته ٻوڙ پلاءُ رڌي رکانءِ.“

”اڙي پر ماني ته سٺي هجي. اسان لاءِ سٺيءَ ڪڻڪ جي به پرلءِ ٿي ويئي؟“

”پيسا ڏين ته سٺي ڪڻڪ به آڻي رکان.“

”پئسا رکو پئسا. سڄو پگهار آڻي ٿو ڏيانوَ، ٻيو ڦاهو کائيندس ڇا؟“

”تون نه ڦاهو ڪاٽ، باقي مون کي سو قرض لهڻو اٿيئي، جو وٺي ڇڪي ڇڏيانءِ.“

”ڇا ڏنو اٿيئي؟ ڪهڙا ماڻهن وٽان ٽڪا ڪٺي آڏي آهين؟“

”ڇانگ پارن جي ڪيئن ٿي ڪاٽي، انهيءَ ڪا خبر؟ مٿن کي ڇانورن جو ڪڏو ڪونه ڇڪايان. سڀورا ڇانور بلنڪ ٽي وڪٽي اڇان، تڏهن وڃي ٿي اها ڳڙهي ڪٽڪ جي ماني به نصيب ٿئي. شڪر ڪري ته ڪائجي.“

”شڪر وري ڌوڙ جي ڪريان نڙيءَ کان گرهه ئي نه ٿو هيٺ لهي.“

”منهنجي توهان توبهه آهي. مان ته تنهنجي هڪڙي مڪ کي به نه ٿي پري سگهان. هوڏانهن پارن جا آهن سؤ مڪ. سؤ ئي بکيا رهجيو ٿا وڃن. مٿن کي، ڪپڙو گندي، ڇا نه ڪپي؟ ڪتابن ڪاپين تي جدا پئسو ڪن. ٽول ڊنگ جا ته مٿن لاءِ وڻ ئي سڙي ويا آهن....“

”ته وٽ نه هي به. پر وڃي انهن واسينگن جا سؤ مڪ! آيم پوٽ تي ٽيئي مانيون. پيٽسان، ڪڏهن ڪو سٺو ڪاڍو به ڪارائين؟“

”اِها آڪڙ مون کي نه ڏيکار. ڪو لڪ ڪونه آٽي ڏنا اٿيئي مون کي. مان ڪيئن وٺي پورت ڪريان، سا رڳي منهنجي تن کي خبر آهي. توکي ته آهي بس چشڪو.“

”مان چشڪا وٺو وتان؟ هان....“

”ها ها. ڀلو ته پاڳل ها. مون کي به اڄ ٺهه ٺڪاڻي ڪرڻي آهي. مار جيترو مارڻو اٿئي. ديوتا مان ڦري دشمن ته ٿيو آهين. هاڻي ڏسڻ، اڳيون ڀيرو نرڳ تي تنهن ته چڙهي پوان، هن روز جي گهڙيءَ ۾ ڪٽ پٽ کان...“

”چوازه ته ٿو، سچ پچ نرڳ تي تنهن ڏيئي چڙهندو سانءِ. نه ته اهڙا چپ اندر رک.... جي ڏيءَ تنهنجو دماغ ڦري ويو آهي!“

”دماغ ڪيئن نه ڦرندو؟ هن کي ڪتاب ڪونهي، هن کي پين ڪانهي، هن کي چمپل ڪانهي ۽ هوءَ ڇا سامائي آهي! نياڳي ڇوي، آئين آئي جو هار ونئي ڏسڻ. هو ننڍيڙو ته سيئني کان ٿي آتر آهي، سڄو ڏينهن ٿو، ڏول ونئي ڏئي، ڏول ونئي ڏي ڪري....“

”انهن کي به پوندو ڪانه هٿنديءَ؟“

”انهن کي به گهٽا ٿي پوندا هٿان. ڀڳوان، جيجل جي دل ڏسو بدران پٿر جو ٽڪر ڪٿي ٿو نسيم ها ڇاتيءَ اندر، ته لڇي ته نه مران ها. ويچارن کي گهٽي گهٽي به ڪيترو گهٽيان؟ آڪين ڏيکيل ڏسين، ته وٺو ڪا پنهنجي لوڙي ڪانه اٿم. پن مڱ جي پن وڳن مان پيئي هلان. توکي سمجهي آهي طعامن ڪاڻ جي!“

”....جي ڏيءَ توکان طعام ڪنهن گهريا آهن؟ سڄو ڏينهن جيڪو وهي وهي گهر ۾ ايندو، تنهن کي ڪو گهڻو جهڙو گرهه ته ڏي نه.“

”اڙي پر ڪجهه جهڙو گرهه به اچي ڪٿان؟ ڏڪر لڳو پيو آهي ملڪ ۾. دال، مڱ، چؤنرا، ٻاجهرن جنهن شيءِ کي هٿ لاءِ، تنهن تي باهه ٻري پيئي آهي. ماڻ به وڃان ته ڪهڙي وهه وڃان؟ اهي پونگڙا نه هجن ها ته وڃي ڪنهن جي نوڪري نڪري ٿي ڪريان ها.“

”ڏٺو ڪري اچين ڪنهن مندر ٽڪاڻي ۾ .... جا اولاد اهي مل وارا، اسان جو پگهار وڌائيندي رت ڇڙن ٿا ۽ هو ڏانهن لک خرچ ڪري ٽڪاڻو وڏا جوڙائين .... جا ڦر، هنن جيڻرن ٺاڪرن تي ڀوڳ ڪونه چاڙهيندا، باقي ٺڪر جي ٺاڪرن کي ڀوڳ ڏيکاري پنهنجي پيٽ ۾ هڻندا. ۽ هوءَ سرڪار به انهن پئين پريلن جو بچاءُ ڪندي پر اسان غريبن کي پچندي به ڪانه....“

”سري رام! سري رام!! ڇا ٿو ڳالهائين، ڀڳوان لاءِ! لڇمي وٺي ته اچن به نڪري وڃا اٿئي....“

”نيري نام، تيري نام تي ڪرين. ڪوڙ ته ڪونه ٿو ٻڪان؟“

”ڪوڙ ٿو پائين؟“

”ڪوڙ ٿو پايان، هان ڪوڙ ٿو پايان، هان....“

”آڙي، ماري رکيائيم .... مٺا، مون ماڻ ڇو ٿو وڙهين. وڃي سرڪار ساڻ وڙهه نه. انهن مل وارن کي مڙسي ڏيکار نه .... مون کي ته نه مار....“

.... آن ڪان پوءِ هو تمام گهڻو ڪوڙ. ڪيترا ڏي پاڙي وارا اندر گهڙي آيا هئا ۽ ساڌورام کي ڪيترن

هٿن جنبي، اڇي صندل تي وهاريو هو. ساڌورام محسوس ڪيو، آهي هٿ ڪيس هميشه لاءِ هن صندل سان ڇهتائي ويا آهن ۽ جانڪي جڻ سچ پچ پاڻ کي ساه ڏيئي ڇڏي آهي....

ساڌورام جي اکين اڳيان هڪ نظارو ڦري ويو ــ باه ۾ ڇرڪندڙ هڪ مورتيءَ جو آڪار ڪڙو ٿي ويو، هيءَ موت سان وڙهندڙ مورتي ٻانهون هڻندي، واڪا ڪندي باروت جي ڦرڪيءَ وانگر ڦرندي رهي ۽ اوسي پاسي جيڪي ٻه گهر هئا، تن جي اڳيان وڃي ڪري پيئي. ڪيڪراٽن جي گهمسان تي گهٽيئي ٻاهر اچي پرگهٽ ٿيا، پر ڪوئي ڪجهه به نه ڪري سگهيو. باه جي جيڀن ۾ وڪوڙيل هيءَ مورتي ڦٽڪي ڦٽڪي ڍيري ٿي پيئي. تازي ماس جي جلڻ جي باس، ساهه کڻڻ به مشڪل ڪري ڇڏيو ...

ساڌورام محسوس ڪيو، سندس ساهه سچ پچ گهٽجي ويو هو. کيس لڳو ڪوئي ڪرڙ ڪرڙ جو آواز سندس سيني مان خود به خود پئي نڪتو. اکيون مهٽي چوڌاري نظر ڦيرايائين. رستي جي ٻتيءَ سان گهرن جو آنڌڪار گهٽجي ويو هو. پري ڪٿي ڪٿي اوناڻ شروع ڪيو. هڪ ڪني ڪاري رات جو ساڌورام کي ڪتي جو اوناڻ ڏاڍو برو لڳو، پر کيس محسوس ٿيو، ڪاٺي تاڻيل تار سندس ڇاتيءَ اندر زهه ڪري ٽٽي پوئي ۽

ڏري ويٺي سندس دل. ڏور تائين هو خيمي جي ٻاهڻ
سان اکيون آڳهندو رهيو. پوءِ آئي ڪمري اندر ويو.

غريباڻو گهر. نه کٽ، نه پلنگ. ٻار هيٺي هٺي
فراسين تي سمهيا پيا هئا. جانڪي ڳاڙهي ڪامليٽ وارن ڪپڙن
سان ڏي ڳاڙي تي، پٽ پر ويٺي هئي. ساڌو رام سندس
پر ۾ هيٺ پٽ تي ويهي رهيو. جانڪي ڪل تي
هلندڙ رانديڪي جيان آئي ويٺي. ساڌو رام سندس ڪلهي
تي هٿ رکي چيو، "آئي ڪپڙا مٽاءِ."

# "پنهنجي سونهبو پکي...."

شامي، اصل ان طرح لهر ۾ اچي ويندي، اهڙي ڳالهه ته دروءَ ڪڏهن به ڪانه سوچي هئي. شاميءَ جي پير واريءَ جڳهه ۾ آئي، ڪيس ٻه مهينا گذري ويا هئا، پر شاميءَ کي سڏائڻ سنجيدي ئي ڏنو هئائين. دروُ پهرين ته "آنٽي آنٽي" ڪري سڏيندي هئس، پر شاميءَ جي ناراض ٿيڻ تي "دادي" ڪري سڏڻ لڳي هئس.

داديءَ لاءِ عزت ۽ پيار به هوس. ويتر جو داديءَ جو پوٽيجو شادي ڪرڻ لاءِ ولايت مان اچي، داديءَ وٽ لٿو ته، دروُ ڄڻ شاميءَ جي نياڻي پڻ ٻڻجي وئي. گڏجي وڃي ڇوڪري پسند ڪري آيون ته ڪپڙو به گڏجي وٺي آيون....

مگر لاڏڻ مهل شامي هن طرح "نٽوُ نٽوُ" ڪندي آئي نچڻ نچائڻ لڳندي، اهڙو ڪيس خواب خيال به ڪين هو. دروءَ ڪيس زنده دليءَ سان نچندو ڏٺو ته سندس نستي جسم ۾ به خوشيءَ جي لهر ڊوڙي وئي. خوشيءَ کي ڳولڻ لاءِ ته هوءَ پنهنجو فلئٽ به ڇڏي آئي هئي!....

لاڏي هلندي، "تو لاءِ سپاهي به گهرايان؟ وزير سڏايان؟ راجا کي مڃايان." "ڇا ته سهڻي؟ ڪڇ ملوُڪلو؟" چوندي جو سڻي ڪئي دروءَ ڏانهن نهاريو

ته دروءَ سڄي سڪورجي سوڙهي ٿي وئي، زالون ڪيس ٺهائين وڏيڪ ڇوڙڻ لڳيون. ڏاڍا ڪلها ڪليا چرچا ڪشڻ لڳيون. درو ته ڪڏهن هيڙي محفل ڏٺي ئي نه هئي. سندس لونڊڙين ۽ ڪنن جي پاپڙين ۾ خون ٽڪڙو ڊوڙڻ لڳو. هٿن سان منهن ڪٺي ڍڪيائين. سڄيءَ محفل ۾ ٽهڪڙو پئجي ويو.

شاميءَ، ڇيڄي سان دهل مٿان ٺڪ ٺڪ ڪندي، ”پيهو پولي تن ۾“ شروع ڪري ڇڏيو. وچ وچ ۾ ساکيون هلڻ لڳيون. واپومنڊل سوز ۽ درد سان ڀرجي ويو. دروءَ پاڻ کي سمنڊ تي ترندڙ ٻيڙيءَ ۾ لڏندو محسوس پئي ڪيو. پاڻ ساکيون نه پئي چئي سگهي، پر وٽس اهڙو جو دل پئي ٿيس ته پنهنجو ٻيڻسٻل ڪٺي لکي وٺي. ليڪن ڪيس سنڌي لکڻ ڪٿي ٿي آئي؟

ساکي ڏيڻ مهل دهل جي ٺڪ ٺڪ بند ڪئي ٿي وئي. ان ڪري ساکي ڏيڻ واريءَ جو آواز وڏيڪ سريلو ۽ دردیلو پئي لڳو. هڪ پئي پنهان وڌيڪ ۽ وڌيڪ درد فراق جون ساکيون پئي ڏنائون. جي:

”سڄڻ وڃين ٿو پرديس نه ميرو ٿي گهمجانءِ،
ڏوهيءَ ڏونا ڪپڙا ميُور نه پائجانءِ،
هردم ياد ڪجانءِ نه ٻنگڙي اٿئي هن ديس ۾.“

اها ساکي ٻڌندي ئي هڪڙي ننڍيءَ نينڙيءَ جو من جهليو ٿي نه ٿيو، هوءَ روئي پيئي. ڪوڙها لڪائڻ لاءِ آڏي پاسر هاٿي وٺي،

شاميءَ چيو، ”ڇڏيو هاڻي ساڪيون، ويچاريون گھوڙن
کان وڇڙيل دليون وچھلي ٿيون پون. مون هيڏيءَ ساريءَ
سيٺن سيڄڻن واريءَ کي به روئڻ پيو اچي.“
سيٺني کان ٺهڪ نڪري ويو.

دروءَ من ۾ ڇهاتي پاتي ته ڪيس به پنهنجو من
بلڪل ڳؤرو محسوس ٿيو. ۽ شاميءَ شروع ڪري ڇڏيو:
”ٻارڇو، منهنجو ولائت کان ٿو اچي.“

هڪڙيءَ پڇيو، ”آدي پوءِ ڪا ڪٽ ٻٽ گھرائي
اٿيئي ٻاروچي لاءِ؟“

ٻيءَ جواب ڏنو، ”ڇو نه آدي، هالن مان جنڊيءَ
جي ڪٽ گھرائي اٿم.“

دروءَ پڇيو، ”جنڊي ڇا؟“ ليڪن ايترو آهستي چيو
جو رڳو شامي ئي ٻڌي سگھي.

شاميءَ هٿن ۾ ڪنڌ کي لوڏو ڏياري چيو، ”مات
ڪر مات، مائي! ڊنلاپ جي گاديلي وارو پلنگ ٺهرايو
اٿم، سنڌ فنيچر واري کان.“

ٻهرينءَ چيو، ”ٻلا وڳو ڪهڙيءَ ولائت کان
گھرايو اٿيئي؟“

ٻيءَ چيو، ”چين ولائت کان.“

شاميءَ ٻٽ ٿي هٿ جي ترڻيءَ سان ٺڪ هڻي چيو،
”ڦٽ مئي چيني کي، وڳو ته وٺي آئي آهيان گانڌي
مارڪيٽ منجھان.“

ڪاڪو پنهنجي وئو ۽ پيو لاڏو شروع ٿي ويو، ”ڇتؤن ڇري پري، گهوٽ ماءُ ٿو گهري.“

سچي گهوٽ ماءُ ته ولائت ۾ وئي هئي. پر گهڻيون شاميءَ کي ڏي ڪٿيون هيون، ان ڪري سڀئي شاميءَ کي ڏي شرطائن لڳيون.

چون پيئون، ”ڪنوار پيءُ ٿو لاهه وڳا ڏهرائي رکيا آهن .... مگر جي سوناري کان ساهه گهڙائي رکي اٿس .... چندو حلوائيءَ کان حلوي جا ٿالهه لهرايا اٿس، پڻاهه گهوٽ ماءُ، وڃن ٿي ڪاڏي ٿي وڃن؟“ شامي پلئه سان منهن ڍڪي، ”نه نه“ ڪندي رهي. ڏالون ڪيس ڪلڪتي بنگلور، اجمير احمدآباد، دهلي پوني، گانڌيڌام سندونگر ۽ سنڌ وغيره جي عجيب غريب شين جا ڏس ڏيندڙيون رهيون پر شاميءَ جي هٿي اها ڏي مڪني هاڻيءَ واري ڪنڌ ڏُونڻ.

آخر ڪنهن چيس، ”پيلا هيلوڪاپٽر تنهنجي گهمائڻ لاءِ گهرايو اٿس.“

ٻيءَ چيس، ”اڙي ونگس، اسپوٽنڪ ۾ چاڙهي چنڊ تي ٿو وٺي هلڻي....“

پر شاميءَ جا هٿا ڏاڍا نخرا. نئين ڪنوار وارو گهونگهٽ ڪڍيو پيئي ڪنڌ ڌوڻي. هڪڙيءَ وڏيءَ عمر واريءَ زال ته ڏڪ هڻي چيس، ”نياڻي ڇوري! ڪهڙي گهاري گهٽ ٿي پوئي؟ پاڻ پرجي ڏرجي ايندينءَ.“ مگر شاميءَ جو اهو ڏي ننو اکر.

نيٺ هڪڙي ناڙي وڄائي آئي ٻيهي چيو، ”ڪنوار وِيئي، ڪنوار سنيرائي، تنهنجي وٽ لاءِ.“

شامي به گهونگهٽ ڪڍي آئي ٻيٺي. هڪ چيلهه تي ٻيو هٿ لوڏيندي چوڻ لڳي، ”ٻار ٻچا ڀاسي ڪريو، سيڻن ۾ ٿي وڃان.“

درو پنهنجي پرم تيل وارن ۾ آگريون ڦيرائيندي ڏاڍي عجب ۽ شوق سان هي تهه ترندو تيار تيل ناٽڪ ڏسي رهي هئي.

اوچتو هڪ ننڍي نيٺي ڳاڙهي ڳٽڪي عورت مٿي تي ساڙهيءَ جو پٽڪو ٻڌي لڪڻ هٿ ۾ ڪٺي وچ ۾ اچي نچڻ لڳي ۽ گهڙيءَ گهڙيءَ لڪڻ تي آڪڙجي پڇڻ لڳي، ”ڏس ٻڍي جي ڏاڙهي، مان ٻڍو آهيان؟“

سيٺي گڏجي چوڻ لڳيون، ”ها ماريا ٻڍو آهين.“

درو نه ڪلي ڪاي ٻٺي ڪيرو ٿي. ڳاڙهي پٽڪي هيٺان اچي نراڙي، ڪمان جهڙا ڀرون، نوڪيلو نڪ ۽ ڳاڙها ڪلٽا چپ هئا. درو نه جوانڙيءَ جي منهن مان اک ڪڍي نه ٿي سگهي. ڇوڪري به ڪا ناچ ۾ پرپڪ تي ڏٺي. شروع جو ڪيائين، ”هرجمالوا“ نه ڇيڄ پٺجي وئي، سڀ ننڍيون وڏيون آئي، پير ڪڍڻ لڳيون ۽ تاڙيون وڄائڻ لڳيون. درو به پاڻ روڪي نه سگهي.

رتن جڏهن شام جو آفيس مان موٽيو تڏهن دروءَ کي گهر ۾ نه ڏسي سمجهي ويو ته پاسي واري گهر ۾

ويٺي هوندي، جتان ناچ راڳ جا آواز ٻڌڻ ۾ ايس.
اڄ هو پاڻ ئي آئي وڃي ڇانهه ٿاهڻ لڳو.

درو، رتن جي ٻي زال هئي. پهرين زال جلد ئي مري ويئي هئس. اولاد به ڪونه ڇڏي ويئي هئي. ان ڪري نازڪ ننڍڙيءَ دروءَ جو، رتن ڏاڍو خيال رکندو هو. پوءِ به درو خوش نه هئي، سندس شڪل پيلي ٿيندي ٿي ويئي. هڪ ڏينهن نؤنس جي حالت ۾ رڙ ڪري چيائين، ”ڪيڏو مون کي هن فليٽ منجهان، نه ته اڪيلائي مون کي کائي ويندي.“

رتن پڇيو، ”مان جو آهيان. پاڙي ۾ ٻيترا گهر آهن، پوءِ به تون اڪيلي!...“

دروءَ چيو، ”توهين ڇا سڄو ڏينهن مون سان گڏ وٺا آهيو؟ ۽ ٻي پاڙي جا گهر آهن يا بمبئي جا قيد ڪوٽ آهن؟ هي ٻين ٻين جاتين جون زالون پاڻ کي سمجهن الائجي ڇا پيئون، نه رلٽيون ملٽيون، نه ڳالهيون ڪڏنيون. پنهنجيءَ ئي ۾ پوريون آهن.“

رتن سمجهي ويو هو ته دروءَ کي ڇاجي گهرج هئي. هفتو به مٿن ماڻهن ۽ دلالن پٺيان ڊڪ ڊوڙ ڪري هڪ سنڌي ڪالوني ۾ مسواڙي جاءِ ڳولي آيو. جاءِ دروءَ کي به پسند آئي. ليڪن ٿورو ڊڄي چيائين، ”ڏسو، مان ته رهي آهيان هندستان کان ٻاهر، جتي سنڌياڻيون کي ورلي رهنديون هيون. هتي الاجي ڪيئن هن پاڙي جي سنڌياڻين سان هري سگهنديس....“

رتن همٿائيندي چيو هوس، ”ڏيپ نه ڪر، سنڌي وري به پنهنجا آهن.“ ۽ جڏهن دروه سچ پچ ئي پاڙي وارن سان هري ويئي، تڏهن رتن چيو هوس، سچ چيو اٿن، ”راڻي چاهي پاڻهي، پکي سو ڏهبو پنهنجي.“

دروه جڏهن دهل جي ڌمڪ، ناچ جي ڌج ۽ گيت جي گونج ڪٿي گهر ۾ آئي، تڏهن ڏسي ته گهوڙس ويئي چاڙهه ڏاهي. ڪلي چيائين، ”مون کي چو نه سڏيؤ. ڪو پري ٿورو ئي ويئي هئس.“

”اڙي راڻي! مسين مسين ته سنڌين جي محفل ۾ وڃي روح ريڏو هوڪ، سو آن ۾ ڪيئن رخنو وجهندس.“

دروه ڪلي چيو، ”سنڌياڻين محفل واه جي مچائي هئي. پيلي آهن سچ پچ زنده دل. اصل ڳالهه ڳالهه ۾ ڊرامو ڏاهي ٿيون وڃن.“

”تڏهن چا سمجهيو انيئي. سنڌي دماغ آهي موهن جي دڙي وارو، نج اصل دماغ. ڪو اچڪلهه جو پلاسٽڪ جو دماغ ڪونهي.“

”مون کي ته اکي سنڌي وڻندا ئي ڪونه هئا.“

”پلا سنڌين سان ڳڏ رهي جا نه هئينءَ. اسڪول به پڙهيينءَ انگريزي ته ناچ به سکيينءَ انگريزي. شڪر آهي جو سنڌي ته ڳالهائي سگهين ٿي.“

”ولائت ۾ هجبو هو ته آئي گهر ۾ سنڌي ڳالهائي پوندي هئي. اڄ انهيءَ سنڌي ڳالهائڻ ئي ته بچائي ورتو

اٿم، نه ته هن پاڙي ۾ به جيڪر مان پاڻ کي اوپري ۽ اڪيلي محسوس ڪريان ها."

"چئبو ته توني سنڌيائين جي محفل جو رنگ چڙهي ويو آهي،" چوندي رتن شرارتي نموني مشڪيو.

درو، لاڏن جي محفل تان موٽي هئي ته سندس سونهن ٻي نکري آئي هئي. خون ۾ ڏاڍي حرارت اچي وئي هئس، پتيءَ جو هٿ پنهنجي ڳل تي رکي چيائين، "ڏسو ته تپي لوهه ٿي ويا آهن .... آلا، سنڌياڻيون ڳاريون ته ڪيئن ڏين ٿيون!"

رتن کلي چيو، "شادي مراديءَ ۾ ته ڳاريون هر ڪنهن جاتيءَ ۾ ڏيندا آهن. پيار وچان ڏنل ڳاريون ته گهريءَ جذبات جو ۽ پنهنجائيءَ جو اظهار هونديون آهن..."

دروءَ ڏاڍي ناز ادا سان ڦيرو پائي چيو، "ها، توهين ته بس ائين ئي چوندا." سندس اکين جي ڪنڊن مان مستي پئي ٽپڪي.

"اهو پلا ڪوئي سنڌي ناچ سکي آئي آهين ڇا؟"

رتن هيٺرن ڏنهن کان پوءِ دروءَ جي ڳلن ۾ لالائي ڏسي بهار بهار ٿي ويو هو.

# "ڀرزا .... ڀرزا"

ڪيتري سچ آهي هتي! منهنجي ريل ٽڪر سان ٽڪري آهي يا ڪاهي ۾ ڪري آهي، خبر نٿي پوي! مگر اوچن ڀڪارن ماڻهن جي پڙاڏن کان سواءِ ڪجهه به نٿو ٻڌڻ ۾ اچي. ڪيترو انڌڪار آهي هتي! ڪٿي انڌڪار جي پوڇ ته نه ڪاهي پيئي آهي ڌرتيءَ مٿان؟ ڪهڙي قسم جي آهي هيءَ پرلئه! ريل ساري پرزا پرزا ٿي ويئي، مگر تارن ڪٿين منهن هيٺ ڪري به نه ڏٺو.

عجيب نموني شروع ٿيو هو هيءُ جهون- سفر، منهنجي ريل هئي، تڪڙي رفتار ۾ بدلجندڙ نظارا هئا. هر پل ۾ نيون چيزون- جبل، نديا وڏا، ٽڪبا ميدان وڻ گانيون، ڪاهون. پيا پٽل، پيا نظارا- ڪڏهن گڏجي مينهن جي ڇڻن پڇن پوندن جيان ملي سيلاب ٿاهي پٿي هليا ٿي ويا. منهنجي ريل اڳتي هلندي رهي. هڪ اسٽيشن آئي. ٽڪو اچي ويو سيني نظارن کي ۾ پيءُ ڇڏيو، "هن کان پوءِ هي ناٽڪ هڪ ڏينهن به وڌيڪ نه هلندو" ڪرسي تي وساريل منهنجي رومال جي هڙ، مون اکيان کولي سيمنٽ جي شيشي ۾ موتين جي ماڻها ۾ درن جي جوڙي زمين تي ڌڪائي ڇڏيائين

مٿي سنڌس وات تي هٿ رکي ڪيس ٻانهن کان گهلي اندرئين ڪمري ڏانهن وٺي ويئي. ۽ مون لاءِ اسٽيشن جون سڀ چيزون ميرن مزورن جي جسمن جيان اڌ آگهاڙيون ٿي پيئون.

اوچتو ڇڪ ٻئي پٺي تان ٻي ڏرين لنگهي رهي هئي ۽ آن جي ڪؤڪ ڇٽي رهي هئي، ”وٺسيا آهي ڇا تنهنجي ڏيءُ، جو روز روز هڙيون شيون وٺيو ٿي اچي؟....“

پنهنجا ڏينهن وسري ويا اٿؤ“

”بيوقوف سو ته مڱڻي کان پوءِ نه....“

آن کان پوءِ ڦس ڦس.... ڇڪ اهسا ريل اڳتي نڪري ويئي.

سينٽ جي خوشبوءِ ڪمري کي واسي ڇڏيو هو. نڪ جي ٽنڊن سڄي سرير اندر نياپا پهچائي ڇڏيا آن واسيل سڳنڌي گهڙيءَ جا. گهڙي، جنهن ۾ رانجهن اهي چيزون منهنجي هٿ تي رکي ڇڏيون هيون. اڪيون پاڻون پاڻ بند ٿي ويئون. ٻڙاڏو ٿيو— ”ڪن جو جيئڻ! وساري ڇڏ ميران، ساري حياتيءَ جا پل. بس جيڪي پل پاڻ ۾ گڏ آهيون، سي ئي امر آهن. زنده پل، مرده زندگي جي سالن کان گهڻو اوچ آهن.“

منهنجي ريل اسٽيشن جي حقيقت— ڪان، پيسٺي، سوڊا ليمن سڀڪجهه وساري ڇڏيو. آها وري به گذرندي رهي پهاڙن تلاون منڊرن ۽ سنڌر آستانن تان. ليڪن

هلندي هلندي اچانڪ ئي رڙيون ڪرڻ لڳي- "ڪوئي پرائي پٽن تي ليٽيو پيو آهي." گاڏي جهٽڪ، جهٽ ۾ ئي بيهي رهي. منهنجي پيءُ کي پٽن تان اٿاريو ويو. مون چيو، "ڪنهن مونجهاري کي ان طرح ئي سلجهائي سگهجي ٿو، نه ڇڏيو توهان بدران مان ئي ٿي سمهي پوان پٽن مٿان!"

ماءُ پنهنجو مٿو پٽيو- "ٻڙڏي ڇڏيو نه ڇوريءَ کي انهيءَ وڇاڙت سان. مون ڏيءُ مٿي مهساڻي. ڪانه گهرائيندين سانس، ڪانه ڳڪائيندين سانس."

ڏرين ڪوئي ماڻهو نه ڪين سارئو هو، پوءِ به ڪيڏو هراس ۽ چپ چپات! اماري بازي اپتري هئي، جو بابا مون کي ٻانهن کان وٺي ڪورٽ ۾ شادي ڪرائي آيو. ڪوئي ڪايو ڪين. ڪنهن دهل به ڪين وڄايو. ڪائي نچي ڪين، نه وري ڪنهن ڳايو. آڇي ساڙهي الائي ڇو پاتي هئائون مون کي! ممي چيو، "هيءَ ڪفن سمجهو. بس مون ڏيءَ جيئري مئن گڏ سمجهي..."

...ريل جو پٽو بدلجي ويو رانجهوءَ ساري سيج گلن سان سينگاري هئي. مون پنهنجي آڇيءَ نئينءَ ساڙهيءَ کي گلابي اکين سان ڏٺو. ساڙهيءَ ۾ ڪنهن جو لال رنگ پرجي ويو. "ميري تو گردر گوپال- دوسرا نه ڪوئي ري" مٿر ڏن پئي هلي يا سن ٿي ڳاتو- مان نه ٿي ڄاڻان. سر سبز ساڙيءَ جي پنهي

پاسي گل هئا، ڦوهارا هئا ۽ وڏا وڏا ساوا ميدان، نظر جي حد تائين ڏسڻ ۾ ٿي آيا. "چئه ميران، اڄ اسان وقت کي ٻڌي رکيو آهي نه؟ ڏسج، اڄ رات، نـه به ڪو جادو هلائي سگهي ٿي اسان تي! راوڻ وقت کي گهٽ ڪان ٻڌو هو پر اسين ڪيس ساري پرٿويءَ مٿان ٻيهاري ڇڏيندا سين."...

...ائين ٿي ٿيو. ڇوڪري سبز ميدان، وڻ ڦوهارا، گلن جا ٻارا بس هلندا رهيا. گاڏيءَ جو ڌوڏو هو الاجي هندوري جو لوڏو هو. منهنجا نيڻ ننڊ اکڙا ٿي ويا.

اوچتو ريل کي جهٽڪو آيو. رانجهوءَ جي ماءُ کي منهنجو سينو ڇاتي هلڻ نه وڻيو ڀلا ڪنهن ايڏو پيار ڀاتو هجي ته منهنجي خنڪيءَ کي سمجهي سگهي نه! رانجهن چيو، "اسين ڪنهن کي ڪنهن کي پاڻ سمجهائيندا وتندا سين. ڀاڙر به نتا سمجهن، پيو به ڪل ڪل ۾ ڏوڪي ٿي ته شاهوڪارن جي ڏيءَ ورتي، پر اسان ته مٿو وات به ڪونه ڪيو. آخر ڪنهنجو ڪنهنجو ٻڌندا رهندا سين. بس پيو گهر وڃو."

ٻئي گهر جون نيون آجليون بتيون، ڪجل پريل نيڻن وارا فوٽا ۽ رانجهن جي هر هر مٿن اوت. سبز وقت؛ چڱ پتين تي طوطائين رنگ جا ڇوڪ ڇوڪ ٻڌجي چهٽي پيو. ننڍڙن لاءِ گاڏين ۽ ڪرسين ۾ گهنگهرا ڪٽي ڏنگيا هئم. من، آنهن جي چهر تي نرت ڪرڻ ۾ مگن هو.

هڪ ڏينهن ريل اندر ڪوئي پراڻي ڪراهي آئيو-
”ڇا ٿيو آهي توکي رانجهن!“

”مون ڇهو هو، توکي ريشم جي ٽانن وچ ۾ پٽ ڪيمتن وانگر ڪري رکندس، پر لڳي ٿو هي، فرضي مون کي ڪجهه به ڪرڻ نه ڏيندا، اصل ڪجهه به ڪرڻ نه ڏيندا. جيل ۾ ڏسي مس خوش ٿيندا.“

مون کي لڳو، منهنجي ريل هڪ اونداهي سرنگهه ۾ گهڙي ويئي آهي. ڏينهن رات اهائي چنتا ستائڻ لڳي ته آخر هيءَ ريل هن سرنگهه کان ٻاهر ڪيئن ايندي! پنهنجن مٽي ڏئي بابا جو گهر، جو وڏهه سال منهنجو گهر هو، سڪول ڪاليج مان موٽندي منگهرمر جا ڏاڪا ٽپيندي، جنهن کي طلسمي ديوتا جي مک وانگر، ڪليل ڏاٺو هوم، جنهن کي اندر گهڙندي ئي ڀاڻ کي راجڪماري سمجهڻ شروع ڪري ڇڏيندي هئس ۽ محل جي بالڪنين مان هيٺ انسانن کي راندڪن وانگر چرندو ڏسندي هئس، اهو گهر، اهو طلسم جي ديوتا جو مک، مون لاءِ سفيد ماڙهي پائي نڪرڻ کان پوءِ هميشه لاءِ بند ٿي ويو هو.

اونده ۾ هٿ ٿهلائي ڪوئي دروازو کولي رهي هئس، جو اچانڪ ئي ڏيئر سارين بتين چمڪي آئيون. ڪلب جي هندي انگريزي گڏيل ڏنن وچ ۾ رانجهن پنهنجي دوستن کي وندرائي رهيو هو. هڪ ڪرڙو سندس دٽ مٿان هٿ رکيو. هٿ جنهن جي ڪارن وارن

واري پٽ تي هڪ آگر منجهه تمام وڏو هيرو چمڪي رهيو هو. رانجهن جو هٿ جڏهن ان هٿ کان جدا ٿيو، تڏهن سڌو منهنجو نرم هٿ پڪڙي زور ڏيئي ڏيئي اهڙو ڪجهه سمجهائي ويو، جو مون کي لڳو ته ريل هاڻي سرنگهه مان ٻاهر اچي چڪي آهي.

رات جو دير دير سان گهر موٽياسين. مون چيو،

”اهو ماڻهو مون کي سڌو نه ٿي لڳو.“

”جگر وارو آهي لڪن جا واپار ٿو هلائي.“

”سچي!“

”اڙي سرڪار کي ائين سمجهو پائي وٺو آهي، جو ماڪ کي وڪڻي اچي ته به جيڪر سرڪار کي پتو نه پوي.“

”مون کي ته لڳي ٿو، توهان کي ڪوئي جوکم وارو ڪم ڏئي ڏسيندو.“

”چري توتان سر به قربان. جوکم آهي ته ڇا هي پئسا ته ملندا، جان ته هڪ ڏينهن وڃڻي ئي آهي. جنهن ڏينهن ڪپڙي ۾ مان ڪٽا ڪتندا، تنهن ڏينهن ڪير به روڪي نه سگهندو.“

مون ڪٽي اڪيون ڀوڳيون. مگر اندر ۾ هڪ عجيب ناري جاڳي پئي. سندس متارن وٽ ڳاڙهو لالڻين رکيو هو، ڏيپ ۾ هراس سندس مک تي نماياں هو.

منهنجي ريل جي رفتار وڌي وئي هر هڪ پل جيئرو جيئرو- هزار ريشم جي ڌاڳن ۾ روشنين سان

ٻڌجي ٿي گذريو. هڪ وڏو شاهي گهر ورتوسين. ٻارن لاءِ ڪمخاب جا ڪرتا، راجائي ٻريسون- ٻوٽا البم- سڀ ڪجهه اچي ويو. منهنجو سرير هرڻ سان جهنجهيل ڇمڙيءَ هيٺان نشيلي خنڪي هر انگ مان ليٿو پائي لاءِ آئي- ڪير ڏوٽا آگهاڙا ڪلها- ڇپن تي رنگ رنگ جون لپسٽڪون- خوابن جو عالم هو. ڌرتي ساري منهنجن قدمن ڪان هيٺ هئي. هيٺ رکي هڪ ڏينهن طلسمي ديرتا جي مڪ ۾ ٻه گهڙي ويس. ممي روئي گلي ملي. ٻئيءَ ڪجهه دير چپ رهيو. اوچتو پڇيائين، "اڪيلي آئي آهين؟ ڇو رانجهن نه آيو؟"

ڌرتيءَ ڇن ڇووهن ڪلاڪن جو ڦيرو ڏڪڙو ڏڪڙو هڪ ڪن ۾ ٿي پورو ڪري ورتو. ٻئي ڏينهن ٿي رانجهن هو، مان هئس، پاڙر پاڇايون، پڙيءَ چاپٽ، نهر- وڏي شاهي محفل هئي.

رانجهن وٽ ماڻهن کي موهڻ جو جادو هو. سندس ڳوڻائي اک ٻئي جو آهنج هڪ ڪن ۾ ڏسي وٺندي هئي ۽ سندس سگهارو بدن ڪنهن کي به مدد ڪرڻ ڪان ڪين هٽڪيو. ڳاڻڻ ڪيس گهٽ ايندو هو، پر سچو ڏينهن ڪو پيانو وڄائيندڙ باڪس يا ڌرڻزيستر سان هوندوئي هوس. ماڻس ملي، ڪير جو نه ايهرائي؟

ٻئيءَ رانجهن سان ڳالهيون ڪيون ۽ بلڪل ٿي خوش ٿي ويو. گهر موٽي ڏٺم محفل منهنجي دل اندر ٻئين جي جهالر جيان اچا به ٿي ٻري: سڀ رانجهن

کي سارائين پيا. منهنجي پسند کي سارائين پيا. رانجهن آهي، جنهن جو پير پٽ تي نٿو ٽڪي. ڪلي پيو ته ساز پيا جهنڪارين. چرچو ٿو ڪري ته ٽهڪ ڦانا گونجن. لڳي پيو ڄڻ ريل جي آس پاس پيا ڪي ٻه پٽا ڪونهن. هيءَ ريل بس ڪنهن کي ٻه جيڏانهن وڃيس تيڏانهن ڪڍيو وڃي سگهي ٿي. ريشمي وڏائيءَ کي ڇاتيءَ تائين سرڪائيندي پڇيم، "توهين اڄ ايڏو خوش ڇو هئا؟"

"تنهنجو به ته پير پٽ تي ڪونه ٿي ڪتو، گهڻن مٽن جي شراب جي خنڪي هئي ته وٽ؟"

"هوندي بس..."

"اڙي چري، پڇهين موهجي وهو آهي منهنجي سپاءَ تي..."

توهان جي سپاءَ تي يا شاهوڪاريءَ تي؟...

ريل هاڻ انهيءَ سندر ماڻريءَ مان گذري رهي هئي، جنهنجي پٺيان پاسي رات جي راڻيءَ جا آلاهي وڻ هئا.

ڪاش! منهنجي ريل بس هميشه هميشه انهن سرسبز ماڻرين مان ئي هلندي رهي. ليڪن هيءَ ڳاڙهي لالٽين واري ناري! ريل هلندي رهي، پر هي هراسيل عورت لڪت وئي ئي رهي.

۾ هيءَ به ڪا اسٽيشن ٿيندي آهي؟ شايد سگنل نه مليو آهي. نه ته ٿوڙي جهنگل ۾ ڪيئن بيهجي وڃي ها، هيءَ ريل! آڌي رات... رانجهن منهنجي مٽارن

ڪان وٺنل. "ڇو... ڇو پيا جاڳو؟"

سگريٽ ڦٽو ڪري چيائين، "ڪجهه، ناهي."

"ڇا پيا سوچيو؟"

"ڪائي خاص ڳالهه، ناهي. ڪو خسيس ڪيس آهي سڀاڻي."

"مون ته سمجهيو منهنجي شڪل ويٺا ڏسو. اصل توهان جو ساهه به ڳلن تي محسوس پئي ٿيو."

"ممڪن لڳايو اٿئي ڳٽن ۾، تن کي منهنجو ساهه به پيو ڳاري!"

هڪ ڪن لاءِ هلڪي کل سندس چپن مان نڪتي ۽ پوءِ سندس نظر ڏور ڪٿي ڀٽڪندي رهي. اوچتو در تي آواز ٿيو ۽ رانجهن مون کي "سمهي پؤ" چئي در کولي ٻاهر نڪري ويو. ڳاڙهي لالٽين واري ناري مون کي ڪلهي تي ڪٽي دري جي آڙ ۾ اچي بيٺي. "اٿين ڪندو.... مردود دغاباز. مون کي آڙائي پاڻ ڇٽي ويندو!"

"وڏا وڪيل ڪري ٿوري ئي وقت ۾ توکي ڇڏائي ويندو."

"پوءِ ڇڏائيندو؟ ۽ هينئر...؟ تيسين جيل اچي وڃي ته ڪير تلاهي ٿيندو؟"

"ڇوي تو مون تي وشواس رک؟"

"پنهن جي پوڄاريءَ تي!..."

"مون پنهنجو ڪم ڪيو. وڌيڪ تون ڄاڻ."

کنهن جي وهندڙ قدمن جي آهٽ ٻڌي مان پڇي اچي بستري تي ليٽيس. جيڪي ڳالهيون منهنجي ٻڌڻ لاءِ نه چيون ويئون هيون، سي ڄڻ مون ٻڌيون ئي ڪين هيون. ڪلي چيم، "ڪير هو؟"

"ڪوئي هو. ماريس گولي ڏُڪُ پيئندوءَ؟"

مون کي لڳو منهنجي ڳاڏي سان گڏ ٻيون به ڪي ڳاڏيون ٽڪرو ٻوڙڻ لڳيون آهن. گهرڙ گهرڙ ۽ عجيب مونجهارو. هر پل رڙل ڳاڏين جي ٽڪر جي پوڻ جو پڙ. منهنجو منهن پگهر جي وڃو. برڦندڙ ٿوري وقت لاءِ منهنجو سرير گرم ۽ سڀل ڪري ڇڏيو. ڳاڙهي لالٽين واري ناريءَ جي ڪمري جا دروازا پنهنجو پاڻ منهنجي من مٿي سنسار ۾ کلي ويا. ڏاڍي مرڻينگ لهجي ۾ چئي رهي هئي، "شوق جا پوڄاري، پنهنجو نه ته پنهنجي جاتيءَ جو ته شرم رکو ها..."

ليڪن جاتي! هي هڪ لڦون اکر هو مون لاءِ. اسان کي جيڪي نتا سمجهي سگهن، سي ٻاءُ پيون، وهندي ماءُ، پيءُ چونه هجن، پر اسان لاءِ ڪير به ڪينهن. اسين سڀني کي الوداع ڪري پيا سگهون ته جاتي! جاتيءَ جي نالي جي، اسان جي مٿان ڪهڙي پڳ پيئي آهي...

ليڪن من اندر اها ڳاڙهي لالٽين واري ناري لالٽين جي وٽ سوري ڏاڍو زور زور سان ڪنجهڻ لڳي، ٻي آرامي ۾ پاسا بدلائيندي رهي. مون هڪدم آئي رانجهن

کي ٻانهن کان ڏؤنڊاريو. ”رانجهن مون کي هي وڏو درجو، نوڪر چاڪر، ساڙهيون سٽ نه ڳهرجن...“ ليڪن ڪوئي ٻڌي نا... ۽ ٻڌي سگهي به نا!! وڏا جهنگ جهر نظر اچڻ لڳا. الاجي ڪهڙيون غفائون سامهون هيؤن، جو ريل زور زور سان ڪؤڪڻ لڳي.

مون رانجهن جي ٻانهن ڪئي پڪڙي- ”مان ٻڇان ٻيٺي رانجهن!“

”ٻڪلي آهين. سمهي پئه.“

”اڄ ڏي نه جاڳي آهيان... سمجهان ٿي ٻيٺي تون سدائين مون کان ڏاڍو پري رهيو آهين ۽ آڄ اها دوري مون کان سٺي نه ٿي وڃي.“

”اڙي هميشه، نه ڪڏ رهيو آهيان. برئنڊي‌ء جو نشو ته نه چڙهي ويو ائيٺي؟“

”چڙهڻ ڏي نشي کي. مون کي تون ٻڌاء انهي‌ء ماڻهو سان برنس چڏائي سگهندين؟“

”ٻڌ راڻي صاحبان، انهي‌ء بزنيس ۾ هڪ مان ڏي ناهيان، ٻيا به گهڻا آهن.“

”پر منهنجو مڙ ٿئو مڃي ته انهن گنهڪارن جي صف ۾ اسين به هجون.“

”ٻي ڪاڻي واه ڪانهي.“ رانجهن منهنجي ڳوڏي ٿي ڪنڌ رکي چڏيو ”ٿنهنجو سولو ٿن، چا ٿڪليفن سهڻ لاء ٻيدا ٿيو آهي.

”ٿڪليفن لاء ٿيار ڏي ٿي بابا جو گهر چڏيو هوم“

برندڙي منهنجي رڳن ۾ تيز ڊوڙي رهي هئي.

”مگر مون ته ڪڏهن پنهنجي هير کي ڪنهنجي مهٽي هاب نه ڪيو“

”ايڏو موهه..... ايڏو ... اوهه رانجهوا ...“ سرير آڳ ۾ وچرجي ساگر ۾ ڪري پيو.

ربل ريهون ڪندي رهي- ”هاڻي ڇا ٿيندو؟“

لاالتير وارڻ نارڻ ڪورٽ جي فتوي جو فائيل ڏمي گهڻي ڪاڻ پئي چاهيو- ”مگر ڇو، رانجهن هاڻي ڇا ٿيندو؟“

”اڙي ڇا ٿيندو، شهر ڇڏي پيجي هلنداسين.“

”چورن وانگر؟“

ڇا جا چورا! هردوار تي ساڌو ٿي هلي وهنداسين. تمهنجو پقڙ نه وڃي گنگا جي ڪنڌيءَ تي ڏاڙهي رکائي ويٺو آهي.“

”ليڪن هيڏڙا يارا ڪير اسان کي ساڌ سمجهندو!“

”ڪجهه به سمجهن، جلدي تياري ڪري وٺ. پوليس جي پهچڻ کان اڳ اسين لاپتي هجون.“

مون کي لڳو پهري ڪتي ربل جا پٽا ڪوڏي ڪڍي ويو آهي. پوءِ به ربل ڏوڪيندي پيئي وڃي ... ڏوڪيندي پيئي وڃي....

مگر هيمت پوليس آڏي آهي، ربل ريهون ٿي ڪري ڪنهن سرنگهه مان پيئي لنگهي ... اڙي شايد هي جيل ڦاٽي پوندو...

”آڻان اِهي گڏيون نه ڪيج.“
”ڇا لاءِ آهن؟“
”طاقت لاءِ آهن، ٻيو ڇا لاءِ هونديون.“
”هيٺريون سڀ هڪدم ڇو ٽا ونو؟“
”ڇري نه ٿي ڪ. ٻئو ٻيئسل ڪيو.“
”رعب ڪيڏو ٿو هلائي.“
”روب! ه...ه....ه....“

منهنجي اندر ۾ لالٽين وارِيءَ ناريءَ الاجي ڇو وٺي ڪيڪون ڪرڻ شروع ڪيو آهن- ”روب“ ڇئي سنڌس آواز ڇو ٽٽي پيو! ڪل ڇو ڦڪي لڳي!!

”اڙي پوليس؟ اسان جي گهر ۾؟- رانجهن، ها رانجهن! نه. هتي ڪوئي رانجهن ڪين رهندو آهي. هن ڪمريءَ ۾ ته منهنجو ٻتي آهي. توهين پري ٿيو. مان در بند ڪريان.“

رانجهن رانجهن! هيٺرو ٿڌو... هيٺرو ٿڌو- هي ڇاهي ٿئي ٿي- ”ساري ملڪيت ميران کي.“ ملڪيت... مان ڇا ڪريان- ڇا ڪريان ملڪيت! رانجهن! منهنجي ٻارن کي دادا کپي... رانجهن... آف ريل شايد ڪنهن جبل سان لڳي— الاجي ڪاهيءَ ۾ ڪري آهي... اوه! سڀڪجهه ڇيهون ڇيهون... پرزا پرزا..

# دل شيشو آھي

رتن مٺي،

خط مليو ڏاڍي ٿڌ ھئي. مان ٻه ڪا مھل ته برف جي ڇپ ٻٽي بيٺي رھيس ۽ پوءِ ٻاھر ٽڙڪي تي بيٺيس. وڻن پنھنجا پن ڇاڻي ڇڏيا آھن. سڪل سڙيل ڪل تنھنجي جيون جو باب مون اکيان جو ڪولي بيٺا ته توکي ھردي سان لکڻ لاءِ جيءُ بيچين ٿي اٿيو. ٽوڪر باغ واري پٿر جي ميز تي پئو ۽ پين رکيو ويو آھي ته خط لکڻ ويھي رھي آھيان توکي.

سکي، توکي اڄ پنھنجون ڳالھيون ٻڌائڻ لاءِ ڏاڍي دل پيئي ٿئي. الاجي ڇو توکي ڏاڍو پنھنجي ويجھو پيئي پائيان. توکي ياد ھوندو، تنھنجي پريم- ليلا سڪول ۾ ئي شروع ٿي ھئي ۽ مون کي تو اھا بنا ھچڪ ڏيکارڻ شروع ڪري ڇڏي. تو ته مئٽرڪ جي امتحان ڏيندي ئي پنھنجي رام- ليلا کي ھرڻي پرڻي وڻ جو روپ ڏيڻ لاءِ شادي ڪري ڇڏي، ليڪن مان ته پوءِ به پڙھندي رھيس. پر تنھنجي شاديءَ کي ڏسي منھنجي دل ۾ الاجي ڪيئن سچائيءَ جو ڏاڍو احساس پيدا ٿي ويو. منھنجي دادا جي دلالي روز بروز زور پڪڙيندي ويئي ۽ اسين جئن جئن وڏيڪ شاھوڪار

ڏيندا ويا هيون، ڏٺن ڏٺن آها سج وڏندي ٿي ويئي. خبر
ناهي، ان کي پنهنجو وڏائي رهيو هو يا منهنجي عمر،
پر آها سج ڪنهن وقت ايتري نه وڏي ويئي جو توکي
مليو هڪ ڏينهن منهنجي شاديءَ جو ڪارڊ— منهنجي
سج جي وڻن ۾ بدلجڻ جو پروانو. تون شاديءَ تي نه
آئينءَ ۽ مان به گذريل چار سال نه ايترو پاڻ ۾ ڏي
رڌي رهيس جو توکي ڇا، سڀني کي پلجي ويئي هئس.
ڇا ائين ٿو آن جو نتيجو ڪهڙو نڪتو؟ هڪ ڏينهن
اوچتو ٿي شاديءَ کان اڳ واري سج گهڙي آئي
منهنجي گهر ۾. نس پس ائين جئن اڄ تنهنجي گهر ۾
گهڙي آئي آهي.

هاءِ هاءِ! آن وقت ڏرتي به نه ڦاٽي، جنهن وقت
"پاڻ" ليلان سان شادي ڪرڻ جي ڳالهه، منهنجي
منهن تي چئي ويو. بس عين ائين ٿي لڳڻ واري هئس،
جئن تون اڄ لڳي ويئي آهين. مگر تو وانگر سؤ مان
منهنجي من ۾ ڪين آيو. هاڻو، ڪن گهڙين لاءِ من
چيو، "چڙي ڏي هن بيقدري پنوري کي." مگر ڪيئن
چڙي ٿي سگهيس؟ لڳندو هو ڪنهن بند دروازي جي
پٺيان ڪو راڪاس ويٺو آهي— سج جو وڏو وڏو راڪاس
من چيو، "پيار، زوريءَ جو سودو نه ناهي." مان
پنهنجي ڪمري ۾ موٽي آيس. منهنجا پٺي ڪڪا
اکيون پوتي سڀها پيا هئا. سندن ڪومل مکڙن چنبا
کان به گهٽي سهائي ٿي ڦهلائي، منهنجي هردي اندر.

پاڻ کان پڇيم، ”ڇا هن معصوم کان پيءُ جو پيار
کوئي کسي وٺندو ۽ مان سؤمان جو سهرو ٻڌي ڇانئٹ
تي ويٺي رهندس؟ منهنجي سؤمان جي ڇت کي ممتا
زمين تي ڪٽي پرزا پرزا ڪري ڇڏيو. پٽي لال ننڍي
ٻانهن ۾ کڻي وڃي پنهنجي پلنگ تي ليٽائي رڙ
ڪري پڇيم، ”ڪير ٿيندو هن جو پيءُ؟ ڪنهن کي
هو ’بابا‘ ڪري سڏيندا! ’ليلان‘ جو پٽ ٿيڻ کان اڳ
ايترو ته ٻڌائي ڇڏ؟“

هن وهاڻو کسڪائي پنهنجي ٻانهن ۾ رکي منهن
ڦيري ڇيو: ”ڪيترا ٻار پنهنجو پيءُ وڃائي به ته وهندا
آهن.“ جلي رک تي وئس. ديوار سان ٽڪرائي ڇيم
”هاءِ هاءِ! تڏهن مان وڏوا به ٿي وئس!!“ خبر ناهي،
ڪيڏي مهل کان آمي اچي در ٻاهران بيٺي هئي، جو
يڪدم اندر گهڙي آئي. مون پنهنجو سر کڻي هن
جي پيرن ۾ رکيو. جنهن کي هيترا ڏينهن فقط نفرت
جي نگاهه سان ڏٺو هوم، سا منهنجو سر گود ۾
کڻي وار سهلائڻ لڳي. پاڻ سامهون بستري تي ويٺو هو،
ان کان پوءِ جي سڌ ڪانهيم. ڪيترو وقت بيهوش
هئس سا به سڌ نه رهيم. جڏهن جاڳ ٿيم، تڏهن
صبح جا ڪرڻا نيڪ اچوڪا سرءَ جا ڪرڻا، گرميءَ
سرديءَ کان سچا، منهنجي جسم ۾ جان پوڻ جي
ناڪام ڪوشش ڪري رهيا هئا...

هن خط ۾ شايد تنهنجي ئي ڪهاڻي دهرائي اٿم

آن ڪان پوءِ جي ڪهڙي ٻڌندينءَ؟.. اڄ ته وقت نه ملندو. ڪشؤ واڻؤ اسڪول مان اچي ويا آهن. مون کي شام جو سندن دادا سان شاپنگ تي به وڃڻو آهي. وڌيڪ سڀاڻي لکندس.

تنهنجي نرملا.

نرمل راڻي،

شالا مان موتي تنهنجو خط جو ڏٺم ته ڪپڙا بدلائڻ به ڪين پڳا. سريش لاءِ چانهه به ڪين ٺاهي رکيم. خط پڙهڻ ويهي رهيس. خط ڇا پڙهيم، بس دل جي ڪنهن اندرئين تهه کي ڇهڪ اچي ويو. پيار جي ميلاپ مان سرجيل ممتا جي ندي، پيار جي ساگر کي ڳولڻ لاءِ بيچين ٿي اٿي وَهڪ ڪا لاٿي اٿس. آلا! اهڙي ته بي آرامي اچي لڳي آهي، جو ڇا ٻڌايانءِ. گهڙي گهڙي من پيو پڇي. ”مٺي ڏاڏي، نون به ته ماءُ هئين“. هن جنهن مهل بئنگ ۾ ڪپڙا رکي ڇڏيو، ’وڃان ٿو‘ ان مهل ڦٽڪي ڇوڙ لڳيمس. پڇيمس ته ها ڇو ٿو وڃين؟ ڪهڙي چيز پاتي اٿيئي ٻيءَ ۾؟ ٻڌاءِ، مان به آهو ڪي پاڻ ۾ آڻڻ جي ڪوشش ڪريان.“ پر سڪي نرمل! تير، ڪمان مان ڇٽي چڪو آهي. سچ جو راڪاس منهنجي در تي به ڏاڍا ڀيانڪ آواز پيو ڪري.

ٿورا ڏينهن اڳ برادريءَ ۾ قضيو ٿيو هو. منهن ڀاڙڻ وٺي هئس. سڀني جي سڀ ٻس ٻٽي پيئي— ”مڙس

ڇڏي ويو اٿس. سڀس ڇڏي ويو آهي وچاريءَ کي..“ ڪنهن ته مون ڏانهن هٿ کڻي بيءَ وڏوا کي چيو، ”هيءَ ڏس ته وچاري ڪيئن وڃي آهي. جنهن جو جيڏري ٿي ڪالڏ وچي ولايت واسي ٿيو آهي. تو ته ڳروهه جي هنڌون ۾ ڏنو...“

هاهه هاهه، تڏهن منهنجي حالت ان وڏوا کان بہ وڌيڪ قياس جوڳي آهي! سڀڪي ڏايو ڏکيو آهي ”وچاريا“ ٿيڻ.

اسڪول پڙهندي هئس. غريب ماڻهن جي ڌيءَ هئس، تہ بہ پهريون نمبر ايندي هئس. ڪڏهن وچاري ٿيڻ ڪين آيو ۽ اڄ پنهنجي هٿن سان سؤ روپيا ڪمائيندي بہ وچاري آهيان. ڪڏهن تہ وچار ايندو آهي تہ مٺائي ڇڏيان انهيءَ پڙهڪ سنسار کي، جتي ماڻهو مؤسان پيريءَ هلت هلندڙ ٿي بہ قياس ڪرڻ واري پرمپرا رکيو ويٺا آهن. پر من پيو جهنبڙي پائي. چي، ”اڪيلي ويران گهر ۾، نوڪري ڪرڻ کان پوءِ پلا ڇا مليو اٿئي؟ فقط ايترو نہ، جو پاڳل ٿيڻ کان بچي ويئي آهين، پيو ڇا مليو اٿئي؟ جيون؟ خوشي؟ آنند؟

ڪجهہ بہ نہ... ڪجهہ بہ نہ... خير هيءَ تہ ٿي منهنجي ڪهاڻي، جا پوري بہ ٿي ويئي. وري بہ شڪر جو هن پر لٽل پکيءَ کي باغ جي راڻي نہ، تہ مالهڻ ٿيڻ جو، سروش جي پالنا جو درجو تہ مليو ٿي آهي. ليڪن سکي، مان اڄ سچ پچ غريب ٿي ويئي آهيان.

ڳهر آهي، جنهن کي ڇت ڪانهي. قدرت جا هر قسم جا ڪوپ، مينهن جهڙ، تني ٿڌي اڪيلي سر سهڻا آهن. وري به شڪر آهي، تنهنجو ساٿ آهي. خبر ناهي اهڙين ڪيترين ٻين ڇيزن جو هاڻي ساٿ مليو آهي، جن ڏانهن اکيو اک کڻي به نه ٿي ڏٺم. تنهنجي اٿري وڇڙجهاڻي به هونءَ تہ نصوب ڌ، ٿي هٿي. ٻڌاءِ نہ، پنهنجو داستان، ڏاڍي منتظر آهيان. ٻڌڻ لاءِ. سڌو سوال ٿي پڇانءِ، ڪجهہ به نہ لڪائج! ڇا ليلان. توکان وڌيڪ خوبصورت هئي، جو تنهنجي پتيءَ ساڻس شادي رچائڻ ٿي چاهي؟

هار ڪاڏل رتنا.

رتن مني،

مالهڻ سکي، گل جي راڪڙ، ساري سرشٽيءَ جي ڳان جي راڪڙ راڻي. خط مليو. منهنجي سڄڻ به پڙهيو. کلياڻين. آهستي چياڻين، ”اسين ٻرش، ڏس جا جيترا ڏاڍا آهيون، اندر جا اوترائي ڪومل آهيون. توهين چاڻي واڻي وڃائيندين آهيو اسان کي.“

مني، منهنجي پتيءَ جا هي لفظ هن وقت توکي ڏاڍا ڪوڙا لڳندا، پر انهي سورهن آنا سچ. شايد ڪنهن ڏينهن اِنهيءَ سچ کي پاڻي به وجهون. في الحال مان توکي پنهنجي آڪاڻي ڏي لکان ٿي. دنيا جون ٻيون آڪاڻيون به شايد اڻون ٿي ڏهنديون آهن، جي آڪاڻيون

ته ڪيئن، آهن ته حقيقت. فقط ماضيءَ جي، متن لٽ چڙهيل آهي.

ليلان جي باري ۾ پڇيئه ته مون ڪان وڌيڪ سهڻي هئي ڇا؟ سهڻي ته هو برابر هئي ۽ هوندر به آهي. پر مان جڏهن ليلان جي عمر جي هئس— ارڙهن سالن جي... تڏهن هن کان گهڻي گهڻي سهڻي هئس.... ليڪن منهنجي پتيءَ ان باري ۾ ڏاڍو سٺو جواب ڏنو آهي. چوڻ—و ”آگر سونهن ئي پرش جي پيار جو مرڪز هجي، ها ته دنيا ۾ جيڪا سندر ۾ سندر استري هجي، سڀ پرش هن وٽ ئي ڇونه وڃي ڪٿا ٿين ها؟

ڏي جواب؟ ڪجهه وقت لاءِ مون به اِئين ئي سمجهيو هو. سو مرندي جهڙي آئي سينگار ڪرڻ لڳيس. هو آفيس ۾ ويو هو. من ۾ وسوسا به گهڻ ڪين هئا. هو موٽندو آلاجي نه؟ من اندر اڪيلائيءَ جي احساس واڪو واڪاڻ لائي ڏني. اِئين پئي لڳو، ڪنهن ڪنبهر ۾ آڏيءَ رات جو اڪيلي اچي نڪتي آهيان. تو پريم ڪري شادي ڪئي هئي، مون شادي ڪري به پريم نه ڪيو هو شايد. جي ڪيو به هوم ته آن جي معنيٰ ڪي سمجهيو نه هوم. چو ته هيترا ڏينهن ته ڪڏهن مون کي خبر ئي ڪين پئي هئي ته ايڏي وسٽن ڪا ساڻ اٿم، جنهن کان سواءِ مان هيئن اڪيلائي ئي پونديس ڪي ڪين پڇندو، ڪي ڪين آڇهندو، مان ته سارو ڏينهن سندس شڪايتون ئي ڦرندي ڪندي هئس. اهان

فرض هو ته توکي آگاهه ڪريان، هاڻي ڇاڻن تنهنجا مٽا تنهنجا ڪٽا."

ليڪن سکي، مان پلپل هئس. ڪوئي ورش اهڙي ٿوري ٿي نه ڦرندو. سندس ڦرڻ جو وچ گهٽو اڪ واري بي رس جهونت ٿي هوندو آهي. مگر هي ڳالهيون ته هاڻ ٿي چوان. تن ڏينهن ته سندس بيوفائيءَ جو ديول پٽيندي ٿي ڦريس. وچي ليلان جي ٻيءَ مان سموري ڳالهه، ڪيم. منهنجا آنسو ڏسي هن چيو، "ڏيءُ مان ته وهان اصل ڪين گهٽائيندس، پر ليلان وڏي ٿي چڪي آهي، ڪٿي تنهنجي پٽيءَ کي ڪٿي آڏامي ويئي ته خود مان به ڪٿي جو نه رهندس." هن پهرين اهڙو سچ چئي ڏنو مون کي! ڪيڏو ايمان رکيائين مون تي. بس مون کي چڻ راهه ملي ويئي. ڳرتو ماري اتئي وهي رهيس. رات جو ليلان گهمي موٽي. ڪيتري نه سندر ساڙهي هئي سندس! ۽ ڪيترن پٽسن واري!! سندس هار سينگار ڏسي من هار ڪڍي— "پلا هوڙي سندر ڪنڊرڻ ڏسي چا ڪوئي چنيسر موٽ ڪاڏي سگهي ٿو!" ليڪن ڌرتيءَ تي ڪرڻ کان ٻه ڪجهه حقيقت پرست ٿي پيئسي هئس. مون ليلان کي ماتري پرين اکين مان ڏسي چيو "ليلان، هيءَ ڪنچن ديهه جڏهن مون وانگر ٻارن جي ماءُ بڻجي ڏڏهن مون وانگر ٿي ڏڪارجي ويندي! ان ڳالهه جو ڏک سهڻ کان ٻاهر آهي."

ليلان جا ڳل ڪهن جي تازي ٻهار کان جرڪي

رهيا هئا. مگر مقابل، آساتيل هرڻيءَ جهان وياڪل
هوس. هوءَ ڦٽڪي پئي– ”ديدي، مون لئي وڏو آهي
ٽوڪي، پوءِ به ٽوڪي منهنجي ٿي آئيندي جو خيال نه
ستائي؟“ منهنجون اکيون هاڻ سيلاب تي پهتون.

”جيئن چئو تيئن ڪريان مان ديدي! مون کي
لڳي ٿو منهنجو من توهان کان به وڌيڪ اڌير ٿي
رهيو آهي. ڪيئن ڇڏڻ به هاڻ ڏاڍو مشڪل آهي ديدي؟“

نڙيءَ ۾ ڪجهه اٽڪي پيو، ڇا مڙڪا ڀري هن
ڏيءَ جيڏيءَ نينگر اکيان روئي وجهان. سؤمان، پنهنجا
ٻئي ٻر پکيڙي گلي ۾ مڙڪن کي دٻائڻ چاهيو. پر
ڪائي چيز اندر ئي اتنت زور لڳائي ان سومان جي
پکيءَ کي ٻاهر ڌڪي آئي. ڦٽڪي پيس، رڙي پيس،
”ڪٿي وڃ ٻاي منهنجو ور ليلان، مگر اُنهن اُبهمن کي
ڪهڙو جواب ڏيندينءَ جن جو هو پيءُ لڳي؟ نون هنن
جي ماءُ بڻجي سگهندينءَ؟“

شايد ڪائي استري پنهنجن ٻارن کان سواءِ ڪنهن
جو پيءُ، پنهنجو پتي ڪرڻ نه چاهيندي آهي. مون
سندس مک تي هڪ ڌڪار جو ڀاو ڏٺو. آهستي چيائين،
”ديدي جڏهن مون لاءِ قرباني ڪرڻ لاءِ تيار آهين،
تڏهن مان ڇا پتي پوندس. ليڪن هتي دل تي هٿ
رک، الاجي ڇا ڪجهه اندر ڏاڍو ٻري پيو.“

مون ڏٺو منهنجي پتيءَ هن ڪليءَ جي جسم کي
آگ لڳائي ڇڏي آهي. من ئي من پنهنجي مساءُ کي

هڪ شاعر چيو آهي ته بيان ڪئي آهي:
وڻهان وڻهن ته ڪاٺي،
ٻيهان ته پير پڄرن
هن آنڌ مانڌ سنيءَ جي،
سڪ جي ڪئي ٻڃاڻي....

ٻوه اردگرد ڪئين ناريون ڏسندي آهيان. جي اها پڪل ٽٽل جيوت پيئون گهاريندون، پيئون گهاريندون. ڪڏهن سڪ ۽ پورنتا پاڻ جو سامس ٿي نه ڪنديون آهن. انهن نه سمجهيو ته مان ڪا اهڙين استرين تي ڪلان ٿي. ڏاڍي ڏکي حالت آهي اها. بس جيئون ڪهاڻيءَ کي پورو تيل ڏي سمجهيو آهي، ان وقت. مگر تون ٿي چئه ان طرح فقط هڪ ڪهاڻي ڪان وڌيڪ ڇا ڪجهه پورو ٿي سگهي ٿو. جيئون ته هلندوڻي سان انيڪ پيون ڪهاڻيون ٿاهيندو هلندو.

تنهنجي نرمل،

تنهن پري نرمل،

ظلم ٿي ڪرين، خط اهڙيءَ ڪڙيءَ تي اٿپورو ڇڏيو ٿي ڏين، جو مان ته آن جي پڄاڙيءَ تي سوچي سوچي ٿڪجي ٿي پوان. ها، ته ليلان تون مڃاڻ وٺين ه، مڃيائين نه مڃيائين. شادي ڪيائين اڃا بلا ٿو وٽ آهي. مون کي ته عجب ٿو لڳي ته پوني ۽ بمبئي وچ ۾ ايڏو مفاصلو ڪيئن ٿيو جو تنهنجي هيترن ڪششن جي

جڏهن تون ٿورا مهينا اڳي بمبئيءَ آئي هئين، تڏهن
مون کان ماڻهين وارن جا ڏس پتا پئي پڇيئه. تو هڪ
ڇوڪري بابت به پڇيو. ٿورا ڏينهن اڳ اهو زال سوڊو
مون کي بس ۾ گڏيو هو. اگر اهائي ليلان آهي ته
غضب جي سونهن ڇمبي ۾ لڳي ته بلڪل خوش ٿيئي.
پوءِ به پڪ نٿي چئي ته اهائي ليلان هئي يا نه؟

منهنجو نه هن اڪيلي گهر ۾ هاڻي ٻاهو ٻاهو ٿيو
ڏکي ڪيڏو ٿي من کي سمجهايان ته وڌوائون به، ته هن
دنيا ۾ گذارڻ پيئون، پر من ڪٿي اڳينءَ جيوت ۾
ڦولهه وڌي آهي. ڏسان پيئي، مون به پتيءَ کي ڇهن
سات ڏنو ٿي ڪين. پر پيڻ مٿي منهنجو به وس ڪين
هو. شاديءَ ۾ ڏيتيءَ ليتيءَ تان کٽ پٽ ٿي پيئي،
ان ڪري ماڻهن سان ڇڏيو پيو. مگر ڇن ڦاڙ اوستائين
پوري ڪين ٿي. ساهرن سان به کٽ پٽ ٿي پيئي،
ان ڪري ڪي سال ته سڄي ڪرم ڪان ڇنا ويٺا
هئاسين. الاجي ڪيئن آهستي آهستي هو مون تان به
ارواح ڪڍندو ويو.

هڪ ڏينهن پيٽ ۾ ڏاڍو اڇي سور پيو، مان پئي
لڇيس. سڄاڻ جو ان ڏينهن منهنجي سس ڪنهن پاڙي
وارڻيءَ جي گهر آيل هئي. ڪنهن وجي ساڻس منهنجي

ڪيڻ. سون کي بہ غصو چڙهي ويو. هن بہ ڦٽن ٽي
لوڻ ٻرڪڻ ۾ ڪائي ڪسر نہ ڪئي. چيائين، "جيءَ
۾ تہ لوڙهس ويٺي، پر مڙسنهن بہ آئيس جي هڏڪڙيءَ
ڪرستانڻ سان گڏ پيو گهمي ڦري، سو وچ-هئي نہ
هليو رڻ ۾ رولي."

هاءِ هاءِ! منهنجي تہ هٿن سان ڪي ڪري پيو.
ڪئين پيرا مس جي در وٽان لنگهندي ويچار آيو هو
وٽس وڃان، پر سوچيندي هئس، جيڪي چئا تن جي
ڪهڙي ڏات! مگر دک تہ اهو آهي تہ سندس ماءُ کي
بہ منهنجي حال تي ذرو بہ رحم نہ آيو.

نرڙ جي پنهي پاسن کان نبضون ڏان ڏان پيئون
ڪن. سوچي سوچي دماغ ٿو چريو ٿئي. الاجي سٺو
ڪم يا خراب جو اهڙي ڦرندڙ گهرندڙ انسان جي
پڳ نہ لڳس. وري بہ شڪر جيڪي ٻہ چار ڪلاڪ
ٿالا ۾ وڃان ٿي تن ۾ پنهنجي دک کي پلجي ٿي وڃان.
دعا ڪج سرهش کي ائين پاليان جيئن مريءَ، يسوع
مسيح کي پاليو هو.

دکي رتنا.

سکي رتن،

هن خط کان پوءِ شايد تون فيصلو ڪري سگهين.
تہ پنهنجي پتيءَ جي پڳ نہ لڳي سٺو ڪيم يا خراب.
اڳئين خط ۾ لکيو ماڻهو تہ لملان منهنجي نهٺائيءَ
۽ پيار جي ورتاءَ سبب بلڪل ڏي منهنجي ويجهو اچي

ويٺي، نر منهنجو پتي اڃا ٻه مون کان پري هو. مون
مان ته هاڻي ڳالهائڻ بند ٿي چڪو هوس. رڳو مس
منهنجي حال پڇائڻ هئي. چپائين، "ڀيڻيءَ هلي وڃ.
ليلان لاءِ ڪا مائٽي ملي ويندي." پلو پٽاءِ، ليلان جي
جاندڙ جسم تي پردو رکي مان ڪيڏانهن ٿي وڃي
سگهيس. سو ليلان کي ۽ ليلان جي پاڇائيءَ کي پاڻ
مان ڪنيم. ڪيتي مائٽين وارين ۽ برهمڻن جا در
وڃي کڙڪايم. آخر هڪ ڇوڪرو ليلان کي پسند
اچي ويو جنهن بابت توکان ٻه پڇيو هوم. بس باقي
ڪم ليلان جي پيءُ سنڀالي ورتو.

پڙهي عجب لڳندو ته جنهن ڏينهن ليلان جي پاڇائي
شاديءَ جو ڪارڊ هٿ ۾ پڪڙائي ويٺي، ان ڏينهن
هو پنهنجي ڪمري ۾ ويٺو هو. مون کيس ڪارڊ
ڏيکاريو ته هو چپ چاپ مون ڏانهن نهارڻ لڳو.

رتنا، ان مهل اها چپ چاپ نهار ڏسينس ها! ڄڻ
ڪنهن ٻار کان ڪوئي قيمتي راندڪو کسجي ويو
هو. مون کي گهڙيءَ لاءِ انهن بيڪس مظلوم نگاهن
لاءِ ممتا پرجي آئي. پوءِ ٻه من اندر پيدا ٿيل ڏڪار
جي ديوار ڪري ڪين، رڳو لڏي ويئي....

چڱو رتن، گهر جا جهنجهٽ پيا سڏينم. هينئر
وقت ڪونهي وڌيڪ ٻئي خط ۾.

تنهنجي نرملا.

نرملا راڻي،

مون کي تو لاءِ سخت شڪايت آهي. ڪٿي ٿي اچي پنهنجي جهون باب کي ڇڏين. مان نه خط پڙهندي الاهي سوالن پڇڻ لاءِ اچي ماندي ٿيان. پڌاءِ، ڪيئن اها ڏڪار جي ديوار ڪيرائڻ؟ منهنجو من ته جنسي پٿر ٿي ويو آهي. سوچيان ٿي مان پنهنجي پٽيءَ کي اگر وڃڻ کان روڪيان به ها ته ڇا ڪيس پيار ڪري سگهان ها؟ ۽ جنهن پرش لاءِ من ۾ پيار ناهي ان جي پٺيان پوڻ ڇا وڌشياپڻو ناهي؟

ان هوندي به تنهنجين ڳالهين خبر ناهي ڪيڏو طوفان مچائي ڇڏيو آهي منهنجي من اندر. جيوت جو جيڪو باب مون بند ٿيل سمجهيو هو، ان ۾ اهڙي ڪا چڻنگ اچي پيئي آهي، جو اندر ڏي اندر پنيت پيا ٻرن. سندس گذريل پيار جون ڳالهيون، سندس خط پڙهي من ڦٽڪي ٿو پوي. پر سرش جي شڪل ڏسي من ڏڪار سان ڀرجي ٿو وڃي. ڪنهن ڏنو ڪيس هن معصوم جي مک تان آلڙ مرڪ کسڻ جو حق؟ ڪيڏو وڏو ٿي ويو آهي هن ٿورن مهينن اندر منهنجو سرشا ڇو ڪسمائين هن کان ٻالپڻ؟ تنهن ڏينهن ڪنهن ٻار سان ڳوليون تان جهڳڙو ڪري آيو. ان جي ويءَ ڏاڍو جهڙڪيس. رات جو ننڊ مان اٿاري ٿو پڇيم، "ممي، دادا هاڻي آڇل (اصل) نه ايندو؟"

ڦرجي ڦٽجي ويس، هن ڪومل هردي اندر ان جهڙڪيءَ جي ياد کي ڏسي. هاءِ رام! ڪٿان آئيان

اها آرسي جنهن ۾ چنڊ جو عڪس ڏيکاري پرچائي
سگهان هن رامل کي!
وڌيڪ لکي نٿي سگهان من ٿو ڦاٽي....

رتنا.

رتن راڻي،

گهنگهور گهٽائون ٿو وٺ آيون، پر بارش هتي پيئي پوي.

ڏيک ٿي چوڻ، جنهن انسان لاءِ پيار ناهي آن سان گڏ گهارڻ وڻشياڻو آهي. پر ڇا تون پڪ سان چئي سگهندينءَ ته تنهنجي دل ۾ هن لاءِ ذرو به پيار ڪونهي؟ جي ائين هجي ها ته هيئنر به تنهنجي دل ۾ پنهنجت ڇو ٻري ها؟ هر ڪان جدا رهندي ٿو وٺ پريشاني ڇو هجي ها؟ سڪي، پاڻي ڪيترو به ڪناري کان دور هجي مگر آن جي هيٺان جا زمين آهي سا به ڪناري جوڙي ته هڪ حصو آهي!

اسين جن کي پائيون، ٿا ٿن منجهان اهاڻي هلت چاهيون ٿا، جا اسان کي وڻي، مگر انهن کي ڇا گهرجي، اسان جي کهڙي سات جي کين ضرورت آهي، اهو سڀ الاجي ڪيئن پلجو ٿا وڃون.

باپ ڙي! آهي ته وعظ هي. پلي ٿورو کلي وٺ، تنهنجو چاهه ته آهي منهنجي آڪاڻيءَ ۾. هاڻو آن جي پچاڙي به پڙهي وٺ.

ليلائن جي شاديءَ کانپوءِ هو ڏاڍو ڪوشش ۾ هر
چيز مان بيزار نظر ٿي آيو. پر ابهي به هو ٿي ڏمڪيون
ڪاڻ ڪانپوءِ وٽس وڃڻ ٿي ڇڏي ڏنو. ڪيس اڪيلو
ويچارو ڏسي منهنجو من ته جهڙو ٿي هو. پر سندس
بلڪل ويجهو وڃڻ جي همت مون ۾ ڪانه هئي. هڪ
ڏينهن اوچتو ڏسان امي کيس چانهه تي ٽاڪور ويٺي
ڪري. چانهه ۾ سور ٿي پيو هوس. مان به ٽڏي تي
ويس. جنهن کي پاڻ لاءِ راهه جو ڪنڊو دور ڪيم، اهو
ڪوهجي ته نه ويندو!...

امي، ڪتر ڪوما ڪرڻ لاءِ رنڌڻي ۾ ويٺي هئي.
هو بستري تي آئي ويٺو هو، جو من ۾ آچل اچي
ويٺي... آئي وڃي سندس پير ۾ ويٺس. آهستي چيم،
"توهانجي دک جو ڪارڻ مان ئي آهيان، جيڪر مان
ئي هاي وچان نه توهين ته ايترو ڏکي نه ٿيو."

کلنديءَ سگهي. چونديءَ اٿين ڪيٿن ٿي چئي
سگهين؟، جڏهن تنهنجي اندر ۾ هن پاپي پنوري لاءِ
ٽڪار پيريل هو؟ پر چيم جو نه ٽڪار جي پاڻيءَ هيٺان
سنيهه، جو ڪنارو لڪل هو، تنهن کان پاڻي ڪڏهن
جدا ٿيو ئي ڪين هو.

هن منهنجو مکڙو پنهي هٿن ۾ جهلي چيو، "هيترو
وقت وٽس وڃ، ڳهڻ ڳنڍن ۾ ٻارن جي ڳالهين ۾
مشغول رهي مونکان دور رهي ڇهڙو سک ڏٺو هوءِ
مونکي؟ اڪيلو اداس رهندي ڳالهين وڃو هوس ته هڪ

رت ماس جي ٺهيل ڏانهن. ڇا وري به تون اهڙو ٿي سمجهه ڪري ٿي چاهين؟"

منهنجي بدن ۾ سمايل ٺهيل وجود سان سان هڪ وڏو وڏو سچ منهنجي اکيان کلي پيو، پيار دائمي سات چاهيندو. ڪهڙي پاڳل هئس، مون ٿي ڪيئن اهڙو ڪيو هو؟ سوال پڇڻ لاءِ جو اکيون مٿي ڪيم ته هن کلي مٿي ڏني. ان کن ۾ ٿي هڪٻئي لاءِ ڪدورت ڌوپجي وئي. ان ڏينهن کان آڇي اجري دل کٹي جو هڪٻئي ڏانهن وڌي ويا آهيون ته وري ڪا به ڪوڙڙو اسانجي وچ ۾ نه آئي آهي. اڳي ڪڏهن پڙهو هوم ته ڀڳو شيشو ڪڏهن نه ڳنڍجي، سر جوڙندي هئس ته دل ڳنڍجي پئي ويندي ته به ڪو چير ته رهندو ٿي. ليڪن ائين ناهي سگهي. دل شيشو ناهي، ماس جو ٽڪر آهي. جڏهن انکي پوري طرح ڳنڍڻ چاهيو آهي، تڏهن ڪو ٿي سندو سيڙو منجهس نظر نه ايندو آهي. تون شايد ان سان شامل راهه نه ٿين پر ائيٺي سچ. ڪڏهن اسان وٽ اچي ڏسي وڃ. ايندينءَ نه؟

تنهنجي نرملا

پياري سکي،

تنهنجي هيڏي وڏي خط مان فقط ٿي اکر ٿي پيا هر هر سوچ ۾ هرن. "دل شيشو ناهي". پيٺين ڇيتين طاقن ڪيٽن مان هر هر ڪوڏي ليڪو پاڻي ڇٽي رهيو آهي، "دل شيشو ناهي."

هاڻو برابر دل شيشو ناهي. اها ته پڇي به ڪيين

# ممتا

رکيءَ جي گهر کان ڪجهه ئي دور ٻه ناريل جا ڊگها وڻ کڙا هئا. هنن سونهن جهڙن پنن وارا مٿا آسمان سان ڳالهيون ڪري رهيا هئا. رکي خبر ناهي ڪيتري دير تائين چنڊ سان چمڪندڙ آسمان ۾، انهن سونهن جهڙن پنن کي لهرائيندو ڏسي رهي هئي. ڪي سال اڳ جڏهين رکي جوان هئي تڏهين سندس نرم ريشم جهڙا سوانهري وار به ائين هوا ۾ لهرائيندا هئا.

اوچتو ڪنهن بيرڪ جي ڇت تان ڦٽ ڦٽ ڪندا ٻه ڪبوتر چانديءَ جي سطح تي، ٻن وڻن جي وچ ۾ اڏاميا پر وڻن تي وهڻ لاءِ ڪابه جڳهه نه ڏسي، پاسي واري بيرڪ جي ڇت طرفان هليا ويا. رکيءَ جي خيالن جي ڌار ۾ رخنو پئجي ويو. ”هن رات جي وڳڙي ۾ ويچارن پکيئڙن جي شانتيءَ ۾ ڪنهن خلل وڌو آهي؟“ رکي پنهنجي گهر اندر ڏٺو، ”آه، ڪيتري نه اونداهه آهي! ڪاش، هن اونداهي زندگيءَ جو فقط هڪ پاسو ئي هن چانديءَ جي سطح وانگر روشن هجي!“ هن کي ته روشني ڳوليندي به نٿي ملي. پرڀو جڏهن مئٽرڪ پاس ڪئي، تڏهن رکيءَ پانيون ته اونداهيون پڪش ختم ٿي ويون. پر ڏيڍ سال جي

ٿي رکي زندگي کي وڇي لڳي. اڄ سندس هٿن ۾ عجيب ڦڙتي هئي. اڪثر چاهه وٽ ويٺي ماضيءَ تي سوچڻ ۾ غلطان ٿي ويندي هئي ۽ جڏهن ڪارا ڪوئلا ڳاڙها ڏاڍا ٻلجي ويندا هئا ۽ مٿن رکه ورڻ به شروع ٿي ويندي هئي، تڏهن وچ انهن تي ڊهڳڙي رکڻ جو خيال ايندو هوس. پر اڄ ته هوءَ زور زور سان وڃڻو هئي ڪوئلن مان ڳاڙهي باهه ڪيڻ لڳي. کيس هڪ ٻاراڻي پروڻي ياد اچڻ لڳي، "گهر گهر ۾ ڳاڙهي ڪنوار." باهه برابر ڳاڙهي ڪنوار آهي پر رکيءَ کي ان وقت پي به هڪ ڪنوار اکين اڳيان اچي وئي. هن سوچيو ته پريم به هڪ ڏينهن ڳاڙهي ڪنوار پرڻجي ايندو. وري انهي خيال آس "گوپي به ته هڪ ڏينهن ڪنوار ٿي ساهري گهر ويٺي هئي. پر ڇا ورتو؟ فقط طعنا مهنا ٿي ته وچاريءَ سک ڏٺو... ڇي... ڇي." رکيءَ کي جهڻ سامهو پوڻ لڳو، "عورتيءَ شيءِ گهڙيءَ ۾ هي ڪهڙي چرپائي جا خيال ويٺي ڪريان. گوپيءَ جو گهوٽ ته ٻاهر ويو هو. پريم کي ته مان جان سان جڙي رکندس...."

جلدي ڪچڙي پاڻي اچي پٽ کي ڏناڻن. پر اڄ پريم عجيب سوال ڪيو، "بس ڪچڙي پاڙ؟"

ليڪن رکيءَ جي بدن ۾ پاڻ خوشيءَ جي لهر ڊوڙي وئي. ڳاڙهن ڏندن جي چارين کي رڱي جي ڪنهن سان ڏيکيندي، کلندي چوائين، "پر هفتا

نہ خبر بہ ڪانہ پيئي آهي نہ روز ڪيتري پاڻ ٿو ڪاڏهن پيا پيو ڪجهہ.... پڌاءِ تہ مهنجي ڪهڙو اهڙو سيٺ قاسائو اٿيئي، جنهن جي طعامن جي هيٺ تي پيئي سرهاڻ آچيئي؟"

هڪ ڪن لاءِ پريم جي چهري جو رنگ ئي اڏامي ويو پر وري پاڻ سنڀالي چيائين، "آما پگهار وڌندو وڃي ستون تاڻين لڳندو."

"نہ پٽ ڪم بہ وڌندو نہ. مفت ٿوري ئي پگهار ڏيندا. پر ڪم ڪهڙو ڪرڻ لاءِ ملندو."

پريم تہ اوچتو ڦاسجي ويو. چيائين، "اهوئي ڪسرت ڪرڻ ۾ قواعد جو ڪم، پيو ڪجهہ نہ."

رکي جهوني زماني جي زال هوندي بہ ڪافي دماغي عورت هئي. هن کي دوکو ڏيئي، پريم لاءِ ڪٺن هو. ٿورن ئي منٽن ۾ ہن ٿي سوال ڪرڻ سان سچو راز ظاهر ٿي ويو.

رکي وهاڻي جو سهارو وٺي کٽ تي وڃي ليٽي. هن کي ائين محسوس ٿيڻ لڳو، ڄڻ ڪيس ڦٽندڙ ڪنهن لٺ جو سهارو ڏيئي وري کسي ورتو هجي.

گوهيءَ ڪاڏي لاءِ چيس تہ رکي "بک ڪانهي" چئي سمهي رهي. پريم جي گهٽي چوڻ تي آئي، پر ٽڙي ڪان هڪ گرهہ بہ هيٺ نہ لهي سگهيس. پريم کي وڏيڪ چوڻ جي همت نہ ٿي. هن سوچيو، "آف، ڪيڏي نہ جفاڪشيءَ ڪان پوءِ هن اونداهي گهر ۾

روشنيءَ جي لاٽ آندي هئي ۽ اها به ڪيترو نه جلدي هوا جي هڪ ئي جهونڪي سان گل ٿي وئي. اڳي به گهر ۾ مايوسي ڦهليل هئي، پر اڄ وانگر دم گهٽيندڙ ماٺ نه ڪانه هئي...... ڪاش مون ۾ ان راز لڪائڻ جي سگهه هجي ها!" ۽ شايد هڪ ڏينهن رڪيه کي يادگيري به نه رهي ها ته پريم ڪهڙي نوڪري ڪندو آهي......؟

رڪيه ظاهري طرح شانت هئي، ليڪن اندر ۾ ته جنسي لچي رهي هئي. سندس حالت ان وقت ٺيڪ ٻڪريءَ جهڙي هئي، جا پنهنجي ڇيلي کي ڪسجڻ لاءِ ويندو ڏسي ڦٿڪندي هجي. "منهنجي پريم کي توهين لشڪر ۾ ڇو ٿا ڀرتي ڪريو؟ هيءَ جنگ جي راڪسياڻي منهنجي لخت جگر جو خون ڇو ٿي گهري؟. نه نه، مان هيءُ خون ٿيڻ نه ڏيندس." رڪيه جي رڳن ۾ چاليهن سالن جو خون هڪوار ممتا وچان نڙيي اٿيو. هوءَ پريم جي ويجهو وڃي سندس منهن ۽ بدن تي ڏيري ڏيري هٿ ڦيرڻ لڳي.

"ڇا اما؟" پريم کي اڃا ننڊ نه آئي هئي.

"پريم، تون اها نوڪري نه ڪج."

"ڇو اما؟ آخر فاتح ڪشيءَ جي موت کان به بچيو آهي نه؟"

"پٽ هڪ قسم جي موت سان، ٻئي قسم جي موت کي روڪڻ مان ڪهڙو فائدو؟"

پريم ذرا تنگ ٿي مٿو کنهندي سوچڻ لڳو، "ڀلا ٻيو ڪو وسيلو به ته ڪونهي." ياد آيس ته مشترڪ ۾ جنگ خلاف هڪ مضمون ۾ لکيو هئائين "آخر انسان ڪي، جي هرويرو جنگ جوٽي آهي ته هو ڇو: نه قدرت جي رنڊڪن کي دور ڪرڻ لاءِ جدوجهد ڪري، ندين جا وهڪرا ڦيري ڇڏي، رڻ پٽ ۾ وگهانڪ طريقن سان برسات وسائي ۽ ڏڪر ڏاڪي، جبل جهاڳي ڌرتيءَ جي شڪل ئي ڦيري ڇڏي. جنگ جي پوت کان بچي جيڪو ڪجهه، دنيا جون سرڪارون لشڪر تي خرچ ڪري رهيون آهن، اوترو جيڪر هن ڌرتي ماتا کي ڪيڙڻ تي خرچين ۽ لشڪر وارا سڀ ماڻهو انسان ذات جي سڌاري واڌاري جي ڪمن ڪرڻ ۾ لڳي وڃن ته يقينا سرڳ آسمان مان لهي هيٺ پهچي وڃي ۽ اشرف المخلوقات سچ پچ ئي ڪائنات جي اوچي ۾ اوچو فرزند لکيو وڃي." پريم پيو به گهڻوئي ڪجهه لکيو هو. ماستر چيو هوس، "پريم تون پنهنجي قلم سان دنيا کي بيدار ڪج،" پر ڪمزور قلم، آجيوڪا جي مسئلي اڳيان سٽ نه جهلي سگهيو...

"پريم تون مات ۾ ڇو آهين؟" ليٽيل پريم جي ڳچيءَ تي پاڻيءَ جا ڦڙا اچي پيا. رڪي هيئر پريم جي خاموشي سهي نه سگهي ۽ سمندر جي ڇولين جي اوڀار وانگر سندس ماضي تيزيءَ سان اٿلجي پيو......

"پريم ڊسمبر جي ١٩٤١ سرديءَ ۾ ٿوڪي سگريءَ

وٽ وهاري ننڍڙو زريءَ جو ڪرتو ۽ سوڙهن پائنچن
واري سٿڻ جي مٿان وڏي پاڳ، ۽ گلابند وجهيو ماڻهو
ته جهڙو شهزادو ٿي پيو. ٺيڪ ان مهل هڪ تار
آئي ته جپانين سينگاپور تي بمباري ڪئي آهي، جنهن
۾ ڇهن مهينن جي ڪنوار گوپيءَ جو سهاڳ بکم ٿي
ويو ۽ تنهنجو بابا نه معلوم ڪيڏانهن گم ٿي ويو.
سچا سارا ٽي سال، توکي هيئين سان لائي مان در در
جون ٺوڪرون کائيندي رهيس. سرڪار وٽان فقط ٣٠
روپيا ملندا هئا. انهن لاءِ به مون جهڙيون سئو چٽيون
لاٿيون ۽ اچي ٻهڪنديون هيون. تون ان وقت اسڪول
پڙهندو هئين. پڇاڙي منهنجا شهزادا، مان ڪيئن هلندي
هونديس؟ پٽ، تون اڄ شاناڻي نوڪري ٿو ڪرائين
پر مان ته ان وقت شاڻ مان سڀ پاڻي وڃي هيس.
مون وٽ فقط هڪ ئي تمنا هئي ته ڪيئن توکي پڙهي
ڪامورو بڻايان، جيئن وري پرديس مان پلٽ نه اٿڪائڻو
پويم" جيئن رات جي انڌيري ۾ چوماسي جا بادل
لڳاتار برسندا آهن، تيئن رڪي جي اکين مان جل
جاري هو.

ساري رات پٽيءَ جي انتظاريءَ ۾ شاديءَ جي
سيجا تي وٺل ترياس ناريءَ جي آماهيءَ واڳر رڪيءَ
دم ڪنيو ۽ وري چون لڳي، "لڙائي بند ٿي ويئي،
ڇهه مهينا گذري ويا. اوچتو تنهنجي سامي اچي در
کڙڪايو. هو هڪ اهڙي انسان کي پاڻ سان وٺي آيو

جنهن کي ڏسي مان ڦاٽ تي زمين تي ڪري پيس...
هو تنهنجو بابا هو... ها تنهنجو بابا! پر هي ڇا هو؟..
سندس هٿ پير نستا ٿي ويا هئا. ڪنن ڪان ڪجهه
ٻڌي نٿي سگهيو، اکين ۾ خور ڪا جوتي رهي هئي.
تنهنجي ماءُ سڄي ڳالهه ڪري ٻڌائي ته ڪيئن بمبازي
وقت تنهنجو بابا بچاءَ گهر طرف ڊوڙيو هو، پر رستي
تي هڪ ڳوٺ جي پرسان ٿاٻڙجي پيو ۽ ان ڳوٺ جي
ڏي اوٽ ۾ ڪرونڊرو تي لـــڪي ويٺو، بمن ڪرڻ
جا جهڪي آواز ٿيا ته سندس ڪنن کي ناڪام بڻائي
وڌو، آگ جي شعلن ۾، رستي جي ٻئي پر جلندڙ ڳوٺ
جي گهوٽ ۽ ٻين انسانن جي رڙين واڪن تنهنجي بابا
جي دل دماغ تي بلڪل ئي برو اثر ڪيو......

هو سمجهه وڃائي ويٺو..."

"پوءِ توکي ننڊ اچي ويئي؟"

"نه اماں"

"پٽ ان تباهيءَ مان ڪڏ لڳائيءَ ۾ ڪمايل پيڙهواري
جو حصو ٢٠ هزار رپيا مون لاءِ گهور انـڌيري ۾
هڪ جهڪي لاٽ وانگر ٻرندا اچي ويا. مان هن ڳوٺڙي
هٿ ۾ ڏيئي چيو هو ته پٽ هيءُ ٻريم ۽ گوڙهيءَ جي
آئينده جو سهر اٿيئي... پر ڪٿي رهيو اهو سهر؟
جڏهن جڳهه ورتم تڏهن سڀئن تي رهسون ڪيـــون.
مسواڙ ايتري ملندي هئي جو مٽيءَ گهر جو خرچ
نڪتي ايندو هو، پر جنگ جي راڪاس وري به ڪيئن

سٺو، بلڪل اُگري روپ ۾ بڪ ورتائين. هندستان ۽ پاڪستان ٺهيو، هندو مسلمان هڪ ٻئي جو ڇڪين ماس چٿڻ لڳا. لکين جانيون قربان ٿيون ۽ ڪروڙين انسان دربدر ٿيا ۽ تنهنجو بابا خون ٿي ويو! تو ڏٺو هو ڪهڙو نه دل ڏاريندڙ نظارو هو." رکيه جا هٿ خود بخود اکين طرف کڄيا ڄڻ ته ان وهندڙ خون جي سيلاب جو درشيه ڏسڻ سان هٽائڻ جي ڪوشش ڪندي هجي.

وٺي جي ڪنڌ سان ٻوڙها اُگهي، رکيه پٽ جي مٿي تي هٿ ڦيري چيو، "پٽ وري به شاباس هجي اُن پناهگيرياڻيءَ زينت کي، جنهن پوري وقت تي اچي منهنجي شهزادي کي بچايو. پٽ ان ڏينهن کان وٺي مون کي جنگ لاءِ ڏاڍي نفرت آهي. انهن ڏينهن کان وٺي اسان جي گهر ۾ ڏيئو نه ٻريو آهي. پٽ انهن ڏينهن کان وٺي هن گهر ۾ زندگي ڪنهن ڪنڊ ۾ ڍڪجي رڙهي رهي آهي. ليڪن هينئر توُن هڪڙو اميدن جو ڏيئو وڃي ٻچيو آهين."

"تنهنجي اميدن جي جوت ته ڏڌهن ڇمڪندي جڏهن مان آفيسر بڻجان ۽ هن رواجي تعليم سان ملٽريءَ کان سواءِ ٻيو ڪٿي آفيسر بڻجي سگهندس؟ جي هندستان پاڪستان جي جنگ لڳي ته توکي موٽائي "پرمويون" ۾ وٺي هلندس ۽...."

رکيه کي ڄڻ ڪنهن زور سان لپاٽ هڻي ڏنگيل

ڇوڪري وانگر ڪٽ تان آئي ڪڙي ٿي. پٽ جو ڪنڌ ڪٽي ڇاتيءَ ۾ ڇپايائين، ڇو ته نئيڙو ٻونگڙو هو جنهن کي ڪو خونخوار جانور کسي ٿي ويو. ”هڪڙيءَ جنگ ناٽي ورتو، ٻيءَ سهاڳ ۽ ٽينءَ ۾ هي اکين جو آسائند...“ رکي وڏيڪ سوچي نه سگهي. سندس اکين مان جهر جهر آب وهي ڇڏيو. پنهنجي ڪٽ تي وڃي وهاڻي ۾ منهن وجهي، سڏن جي روڪيل لهر کي هڪوار وري به دٻي ڇڏڻ جي ڪوشش ڪرڻ لڳي.

پريم ڪنهن به طرح ساهه کي ماٺ ڪرائي نه سگهيو. سندس حالت ٺيڪ ان مزور جهڙي هئي جو بند ڍهندي ڏهندي اوچتو پاڻيءَ جي چڙهاو جي بند مٿان اڇلجي اچڻ ڪري غوطا کائڻ لڳو هجي. پريم خيالات جي وهڪري کي ڇرڻ ڇڏي هڪوار وري به وڃي بستري حوالي ٿيو ”سچي بمبئي جي خاڪ ڇاڻي ٻيئم تڏهن به ڪا شاندار نوڪري نه ملي. آخر ملڪ ۾ نه پرتي ٿيان ته ڇا ڪريان؟ ڇا مزوري ڪريان؟ پڪوڙا وڪڻان؟ يا خومچو ڪڍان؟ ۽ ....پوءِ ... منهنجا اسڪولي دوست رستي تي ٻيهي لهه ڏهه ڪري چوندا، پريمو او پريمو يار ڪٿي تون ڪٿي هيءُ خومچو؟ ه ه.... ه.... پريمو ته هاڻي اک ڪٿي نٿو نهاري؟... ۽ مان شرم ۾ ٻڏي ويندس...“

پريم جي بلڪل وسجهو ٻيءَ ڪٽ تي ماڻس وهاڻي کي ٻنهي هٿن سان نپوڙيندي جنسي پاگل بڻجي رهي

هئي. اڄ هن جي ڪاٺيجي ڦاٽل ٽي چاهيو، ”آخر
ڪيستائين منهنجي خون سان هولي کيڏي ويندي؟“
سندس ڦٽڪي ڦٽڪي رڳن جو آواز ننڍڙيون ننڍڙيون
گول لهرون ٺاهيندو پريم جي ڪنن ۾ ڏؤن ڏؤن ڪري
وڄي رهيو هو.

پريم سوچيو، ”ليڪن ممتائون جنگ جي ميدان
وقت هيئن تڙڦنديون هونديون!... جتي جنگ جي جوالا
جلندي هوندي اُتي ڇا نه هوندو؟... انسانن جي آهوتي!
هنن جي پگهر سان ڪڙا ڪيل بجلي گهر، محنت سان
اڏيل ڪارخانا ۽ سک چين جي حياتي کي پناهه ڏيندڙ
عمارتون... آس ۾ جلي جلي آهريل کيت سڀ خاڪ!
سڀ نابود!!......“

ٻهرڪن جي آس پاس بلڪل گهور اوندهرو ڇانيل
هو. چوطرف خاموشيءَ جو راڄ هو. فقط دابي مان
سمنڊ پاڻي ٽپڪ ٽپڪ ڪري ڦڙو ڦڙو ٽي پاٽ ۾
ڪري رهيو هو. پريم نوڪري بابت ڪوبه فيصلو نه
ڪري سگهيو. مٿس ڏيري ڏيري بدني ٿڪ غالب پوڻ
لڳو ۽ جلدئي اک لڳي وئس........

”...ليڪن هي ڪير آهي؟ بابا... بابا...“ هن جي
سيني ۾ اڃا به خوني خنجر گهسيل هو ۽ خون جي
هڪ دل ڌڙڪائيندڙ ڌار وهي رهي هئي. ”پريم توکي
هندستان جي جنگ گهرجي؟ اڄ مان توکي ڏيکاريان.“
هي پريم جي بابا جوئي تہ آواز هو.

پرام ڏٺو هڪ بلڪل ئي سنهو ڏاڪو هو جنهن
جي پاسن کان اڻاهه لشڪر هئا... لا... ڏا... تمام
ٽکون بجلين ڦررات ڪنديون هڪ کان ٻئي طرف
ڦباهي ڦهلائي رهيون هيون. کن ۾ مڙيل لاٿن جا ڍير
لڳي پئي ويا. ڪنهن جي ٻانهن گم ته ڪنهن جي
ٽنگ گم. ڪن چيخون ٿي ڪيون ته ڪن پاڻي لاءِ
ٿي پڪاريو.

"پرام اڳتي هل، اتي ڇا بيٺو ڪرين؟"

هڪ زبردست آواز ٿيو ۽ پرام ڏٺو دور دور تائين
سڀ ڪجهه دونهين ۾ ڍڪجي ڪارو ٿي ويو ۽ دونهون
هٽي وڃڻ تي به سڀ ڪجهه جيئن جو تيئن رهيو.
مٿهو بازارون ۾ ويڙا رستا، عمارتون اڏول کڙيون هيون.
ڪولي پار بيهڻ تي ڏي خاموش ٿي ويا ۽ دور کيتن
۾ هاري هر ڪيڙهندي ڪيڙهندي سن ٿي ويا. ليڪن
سڀني جو رنگ اڱرن جهڙو ٿي ويو. پرام اڳتي وڌيو
۽ هڪ پار کي هنج ۾ کڻائين. ليڪن هي ڇا؟ هي
ته رک جي ڍيري هئي. ليڪن "پرام پيون؟" اڙي هي
ڇا... هي ته منهنجي جڳهه هئي. هن ڇاهيو ته
ڇلانگ ماري مٿي کڏ تي چڙهي وڃي ڪو لغڙ اڏائي
پر ڏاڪڻ تي پير رکڻ سان ڏاڪڻ جي ٽريل باروتي
ٽانگ وانگر سڄي عمارت پري اچي پٽ پئي. "هي
ڇا... هي ڇا ٿيو...... آما کي هن پرام پيڙون ۾
ته آڏو هوم!" هن جي مٿي ۾ چڪر اچڻ لڳو، "بابا

هيءَ ٻڌم پٽڙا! بابا هي ڇا...؟"

اوچتو سامهين ڏاڪڻ جي پاسي طرف چٽ چٽاڪ، چٽ چٽاڪ وارو آواز ٿيڻ لڳو. ٻڌم ڏٺو، ڪن ۾ زمين جا ڪيترين ميل جرڪندڙ ٽاڻيءَ جهڙن آڳن مان ڏيکجي ويا... انهن جي هٿان لکين انسان ڦٿڪي ڦٿڪي شهادت ڏيندا ٿي ويا. ٽڪ ٽڪ ڪندڙ عمارتون ڪرڻ لڳيون... "بابا... هو ڏسو... زينت محل، سڄو باهه ۾ وڙهجي ويو آهي. بابا، او بابا... هيءَ موت جو نظارو مون کي نه کپي. بابا! زينت مون کي بچايو هو. هن منهنجي مٿي تي ترڪي ٽوپي رکي ڇرا ڪڍي آيل مسلمانن کي چيو ته آبا هيءَ منهنجو حميد آهي. ويچاري جي آبي کي هندستان ۾ ماري ڇڏيائون. بابا... زينت سٺي آهي. آن جو محل ڪيڏانهن ويو؟" هو ٻارن وانگر ٻاڏائڻ لڳو.

"پٽ، اِن کي جنگ چئبو آهي. هيڙين جنگين مان عام ماڻهن کي ڪوبه فائدو نه ملندو آهي. صرف چند خود غرض ۽ خون چوسيندڙن کي ان مان لاڀ ملي ٿو، عام لاءِ ته لڙائي برباديءَ آڻي ٿي."

"بابا هيءَ هاهاڪار، تباهي ۽ خون جي هولي، سڀ منهنجي دل کي چيري رهيا آهن! مان حيوان بڻجي ويندس!! بابا پلا هو ڇاتيءَ مان خنجر، توهين ڇو نٿا ڪيو؟ منهنجو متو ٿو ڦري..."

”هيءَ خنجر هڪ تو جهڙي انسان.... روٽي لاءِ ٺوڪر کائيندڙ انسان، منهنجي سيني ۾ چُڀيو هو. ان لاءِ ڪيس چانديءَ جا ٽڪرا مليا هئا ڪاش، ڪيس خبر هجي ها ته ساڳئي وقت روٽيءَ جي چند ٽڪرن لاءِ ٻيو به ڪو سندس جهڙو انسان، هندستان جي ڪنهن ڳوٺ ۾ زينت جي خاوند جو خون ڪري رهيو هو....“

”پر بابا هيءَ خنجر مان هينئر توهان جي ڇاتي ۾ رهڻ نه ڏيندس....“

پريم ڇلانگ ماري اٿيو! پر بابا ڪٿي هو!!...... سامهون بستري تي ساري رات ڪچ ڳاريل، ڳاڙهيون ڳاڙهيون اکيون کڻي رکي، دريءَ کان ٻاهر اُفق ڏانهن، ناريل جا ڏکيا وڻ ڏسي رهي هئي. هينئر اُفق وٽ چانڊاڻ نه، پرڀات جي لالاڻ هئي.

رکي جي ٻڌڻ کي جهلي پريم چئي رهيو هو، ”آما، رات بابا مون کي جنگ ڏيکاري... مون کي جنگ نه کپي، شانتي کپي. مان مزوري ڪندس، خومچو کڻندس، پر لشڪر ۾ ڀرتي نه ٿيندس.“

رکيءَ پٽ کي ڇاتيءَ ۾ ڇپائي ڇڏيو. ٻاهر واري ٻڙڪ تان اڇا ڪبوتر ٽٽ ٽٽ ڪندا چوڪيءَ جي ڳولا ۾ اڏامي ويا.

(١٩٥٢)

# چمن وارو

"گرم چڻون گرم" ڪنهن منڊي گهورڙي جو آواز هو. گهٽيءَ ۾ وري به چهل پهل شروع ٿي وئي. نه ته هيءَ ٻپهريءَ جو وقت ٿي اهڙو آهي، جو چوطرف موڪلائي پيئي نظر ايندي آهي. سياري جي اس ۾ هونئن ئي ٽڪاڻ گهٽ، باقي به هرمهل ته اُها بلڪل اپوڪي پيئي لڳندي آهي، اصل اهڙي قدر جو رکي رکي جا هير لڳندي آهي، اُن ۾ به ڪنهن جي موڪلاڻيءَ جي مايوسي پيئي، محسوس ڪبي آهي. سنڌ ۾ به ڪڏ ٿي ويهي اُس جي ترڪي ۾ ڪتاب پڙهندي پڙهندي جڏهن هرءَ مهل ٿيندي هئي، اوچتو ئي "رڙي پسي مٺي" ۽ "چپ چٺي ڏڏ ريءَ" جا هوڪا گهٽيءَ جي ماٺ ۽ اداسائي کي چيري چيرت ۾ چهل پهل آڻي ڇڏيندا هئا. بمبئيءَ ۾ ڏڏريءَ بدران چڻون ٿي سهڻن، سڄي زندگيءَ ۾ ڪا رنگيني ته اچي وئي. ۽ هوءَ جا نيڙي کلونڊي مان آڻي تنهن ته ٻاتيالي زبان ۾ "ممون، ممون" ڪري گهر ٿي مٿي ڪٽي ڏنو. پر "نا" پتني صاحبان لپاٽ هٽي وچاريءَ جو ڳل ٿي سڄي ڇڏيو.

”چنڊ، چري ته ڪانءُ ٿي آهين، مٺيما تي نه هلڻ
جا خار هن مان تي ڪڍين ڇا؟“ چوندي چوندي مون
وڃي پنهنجي گل جهڙيءَ ڀيڻيءَ کي ڳلي لڳايو.
پنهنجو داد ڏيندو ڏسي، ننڍڙيءَ شيطان معصوم ادا
سان، ننڍڙو هٿ اڳيان وڌائي، سڏڪا ڀريندي چيو،
”دادا آنو ڏي.“

مون کيسي مان آنو ڪڍي ڀتري هٿ تي رکيو
در وٽ اچي چمن واري کان هڪڙو چمون ورتم. ڀيڻي
مٿان ٿي وئي، پر چمن واري کي ڏسي منهنجو من
اچي چڙهيو. چيم، ”هي پنهنجو پراڻو پاڙيسري پرشوتم
آهي.“ ليڪن هن ناوار ڪٽ مڇن واري شڪل،
جانئي ميرو ۾ آيي سينڌ ڪڍي پان وات ۾ وجهي
آڪڙجي هلندڙ پرشوتم ۾ هن ۾ رات ڏينهن جو تفاوت
هو. البت روش ٻنهي جا ساڳيا پئي معلوم ٿيا. پرشوتم
جهڙو نڪتو چمون ٿي وڪڻي ها ته ٻه ماڻهو جيڪر
گهورون ڪڍي گهوري ها، پٽ جي ڪمائيءَ لاءِ
ويچاري ترڦندي هئي. پر سندس هن يار جا ڪارناما ٿي
عجيب هئا. ڪڏهن ڪنهنجو خرچو ڪرائي ايندو
هو ته ڪڏهن ڪنهن کي انگور هٿي اوندو ڪري
ايندو هو. مطلب ته هڪ نه ٻيو ابتو ڪم ضرور ڪندو
هو. هڪ ڏينهن پئي جو نانگ ڇاهي وٺي رات جو
پاڙيسرين کي ڊيڄاريائين. بس سڄو پاڙو ٿي لٺيون
کڻي مڙي آيو، شڪر نه هوائي اچي اهڙا کڻي ساڻس ڪندو

هو جو اڌ ٻاڙو ٻيو ڪلندو هو ته اڌ ٻاڙو ٻيو همت ڪٽي پرشوتم
کي پٽيندو هو. پرشوتم ڪهڙو نه شيطان هو، پر ٻاڙي
جو رکپال به هڪڙو ئي هو. شل نه ڪو لفنگو ٻاڙي
جي ڇوڪريءَ جي بيعزتي ڪري، وڃي ڳاٽي کان
جهليندس. چيءِ "تون ڪير جو اسان جي ٻاڙي جي
نياڻيءَ تي همت هلائين." اصل اهڙي حالت ڪندس
جو هميشه لاءِ توبهه ڪري ڇڏيندو. ڪاڻ ڊپ ڊاءِ جي
ڳالهه هوندي ته سڀڪو پڇندو پرشوتم وٽ. پرشوتم
هو به دل جو شير......

مان شايد اڃان به گهڻو ئي وقت پرشوتم بابت
سوچيندو رهان ها، پر جيئن ئي ٻارن جي گاڙ ڇمون
وٺي پورا ڪيا تيئن ئي ڇمن جو ٿالهه مٿي ڪڻڻ لاءِ
تيار ٿيندي ڇمن واري، لڙڪيل وارن کي جو مٿي
ڪڻڻ لاءِ جهٽڪو ڏنو، بس مونکي پنهنجو پرشوتم
عين بين نظر اچي ويو. هو جڏهن به ڪنهن سان وڙهي
وڙهي سوڀ پائيندو هو، تڏهن به ساڳيو اهو ئي جهٽڪو
ڏيئي وار مٿي ڪندو هو.

"اڙي، پرشوتم ته ناهين؟"

"ها" ڇمن واري مون ڏانهن ڇتائي نهاريندي
وراڻيو، "اڙي تون! خوشي آهين ڇا؟ يار وساري
ڇڏيئه ڇا، پلا ڪڏهن ڪان ٻمبئي اچي وسائي اٿيئي؟"

"مان ته ڇڱي وقت کان هتي رهندو آهيان.

"اڇا! مان به هن پاسي ڪڏهن لنگهندو آهيان."

"اڄ هن مهل موڪل هئڻ ڪري گهر ۾ ويٺو آهيان، نه ته سڄو ڏينهن آفيس ۾ هوندو آهيان."

"ها، ها. اڄ ٢٦ جنوري ملهائڻ جي موڪل اٿيئي. ٻار اسان کي تنهنجي ڪانگريس جي راڄ ۾ جمن جو ڏي خوسڄو نصيب ٿيو آهي."

"ياڻو، وقت جي پڪاري آهي. پنهنجي پگهر جو پورهيو ڪري ته ڪائين ٿو نه."

"ٻار، صبح جو سويل ڪماڻيءَ (سمتونگر) مان نڪرندو آهيان ۽ رات جو واپس موٽندو آهيان. سڄو ڏينهن گهٽيون ڪڇيندي ڪڇيندي مس وڃيو ٥، ٨ رپيا ڪڍندا آهن." پرشوتم ذرا ڏکاري آواز ۾ چيو.

"آڌل اسان کي وري نوٽ ٿا ملن ڇا؟ آهو ڏسي ٣٠٠، ٤٠٠ رپيا آهي، ٻيو ڇا......"

ايتري ۾ ٥، ٦ سوٽيڊ بوٽيڊ جوان ڇمن واري وٽ اچي ڪنا ٿيا. پرشوتم، هنن کي چمون ڏيڻ لڳو. ڪو ڏينهن هو جو هنن ڏي جوانن وانگر اسان جي چوٻاري ۾ قابليءَ واريءَ "ڏاهي" جي ڊيڊي چٽي واري ٿالهه کي وراڻي ويندي هئي. پرشوتم ته جيسين پوڙهيءَ جون ۾ ڏي گاريون نه ڪائيندو هو تيسين ويٺو ڪوڙا ڪٽي پنهنجي دوني ۾ وجهندو رهندو. ڏاهي جڏهن زور زور سان رڙيون ڪندي هئي، تڏهن سٽ جوڙي چوندو هوس، "امڙ ته ڪڏهن خواب ۾ نه ڏٺو ڪوڏ ڪارا، پيو ٿو وٺ نه. ڪان ته ٻڌا ڪئي ڪان؟"

پوڙهي وري به گراهڪن ۾ مشغول ٿي وئندي هئي. مان سوچيندو هوس ته جيڪر پرشوتم پاڻ ڪمائي ته ڪهڙو نه چڱو ٿئي. پاڻ ڪي سگهي رکي ته پيءُ جي به پيري ۾ سار لهي. مگر پاڻ چوندو هو: ”اهڙي پيءُ کي ڪمائي ڪارايان، جنهن منهنجي ماءُ کي ڏک ڏئي ماريو. جيسين مئٽرڪ پاس نه ڪئي اٿم، تيسين بابو نه مونکي ڪمائڻ لاءِ چوندو به ڪونه ۽ مان آهيان جو ٥ درجو پاس ٿي نه ڪندس.“

سچ پچ ٿيو به ائين. پرشوتم ڪتاب ڪڍي گهر مان نڪرندو هو ۽ اسڪول مان موٽڻ جي وقت ڌاڻيءَ ـ ن گدوبندر، قاضي، هيرآباد يا هوسٽيل هال جو چڪر هڻي اچي گهر پهچندو هو. انهيءَ رولو سڀاءُ ڪري ٿي، اسان کان به ڏار ٿيندو ويو ۽ نيٺ مون مئٽرڪ پاس ڪئي ليڪن هو ٥ درجي مان ڪونه نڪري ڪين نڪتو. باقي اسان به ڪڏهن ڪڏهن ”انقلاب زنده باد“ چوندا جيل وياسين ته پرشوتم اسان کان ڪوه دور رهجي ويو.

جڏهن واري جا گراهڪ ختم ٿيا ڳالهه جو سلسلو وري جاري ڪندي چيائين، ’واه ڀائي جيل جي ٽيپ ڪاٽي آئين تم به ڪا وزيري ڪانه مليئه؟“

”اڙي يار هتي ته ڪوتوالي به ڪانهي، تون پيو وزيري جون ڳالهيون ڪر.“

”بس ادل! ملڪ ماڻهو آهي ڪانگريسين کي ليڪن ماڻهن جا ته برا حال ٿي ويا آهن.“

”دادا، بو مسون،“ ڪملا جي ماڻهن جو ڳجهڙي وارو ذڪر، ڏکڙو وات ۾ ڳڙڪائيندي رڙ ڪئي. پرشوتم بيچڪار ڏٺي ڪملا کي دوني ۾ چمون وجهي ڏنو.

”دالو ڇا ٿيو؟ منهنجي به نندي ڪڪي هن جيڏي هوندي.“

”تنهنجي نندي ڪڪي!“ مان عجب ۾ پڇي ته ويس، ليڪن وري پاڻ سنڀالي ورتم. پڇيم، ”هن جو نالو ڪملا آهي.“

”ڇو ڀاڙو، مونمان اميد ٿي لاهي ڇڏي هيئم ڇا؟ اڃا ته عجب ان ڳالهه تان لڳندو جڏهن ٻڌندين تہ شادي به تنهنجي حيدرآبادي واري گهر پرسان رهندڙ، ٻالمندر جي ماسترياڻي شانتي سان ڪئي اٿم.“

منهنجو تہ سڄ ٻچ وات ٿي ڦاٽي ويو. ”شانتي ماسترياڻي! وڌوا؟“

”ڇو، مرد پلي ڀلا ڏي ٿي شاديون ڪن باقي شانتيءَ ڪهڙو گناهه ڪيو؟ باقي ڳالهه هيئن هئي. شانتيءَ کي ڪو سڳو ماءُ پيءُ تہ ڪونہ ويٺو هو. نانيءَ وٽ رهندي هئي. سو پاڪستان ٿيو تہ سڀڪو مٽ مائٽ ڇوڙي تہ پاڻ ڪٿون ڪين ٻيڙيءَ کي گهليون. ڇو نہ هڪ ڏينهن رات جو ڀاڙي وارو حميد رڙيون ڪندو آيو، چي، ماستريائيءَ جي گهر تي ڦاڙهيڪن حملو ڪيو آهي،

هڪ ڏينهن هڪڙي ڪاڪي اچي چيس، "شانتي، تو هن لفنگي سان گڏ رهي چڱو ڪم نه ڪيو آهي." شانتي کي باهه وٺي ويئي چيائين: ڪاڪا پاڪستان ۾ ندڙڪو ڪري ڇڏي اچڻ مهل ڪٿي هئا؟ ڪاڪا، جڏهن دنيا مون کي بي اجهي بي آسري ڏسي منهنجون ڏچون ٿي اڏائي، آن کي پاڻ لت هڻي مان پرشوتم سان شادي ڪري ڏيکاريندي سانو.

"ڪاڪي جا ڪپاٽ ئي کلي ويا. هو رام رام ڪندو ڪنن تي هٿ رکي اٿي ڀڄو، ۽ مون لاءِ ته دوست رات مان ڦري ڏينهن ٿي پيو. نيٺ منهنجي ٻه ننڍڙي گهر ڌاهڻ جي آهلاڪا پوري ٿي. مون ٻه گهٽ ڪونه سٺو آهي. گهڻئي ننڍيون وڏيون نوڪريون ڪيم. نوڪري ڏيندي لاءِ پٽڪيو به گهٽوئي آهيان. پر هو نه چوندا آهن ته ڪتو به ڪڙم سان سُونهين، سو نيٺ اچي ڪلياڻيءَ (سنڌنگر) ۾ سنڌين پيرو تيو آهيان."

"هائو آدا،" مون ڪان ٻڌو ساهه پرجي ويو.

پرشوتم چيو، "ڀائو، سچ ٿو چوانءِ. سنڌين جهڙو ساهُ پين مان ڪين ايندءِ." چوندو خوشي ڪٿي پرشوتم "گرم چمون گرم" جو هوڪو ڏيندو رسندو رهيو. مان کيس ڏسندو ئي رهيس.

# چاچي چيلي ماءُ

چاچي چيلي ماءُ جي چرتر لاءِ ته ڇٽي ڪٿي بس ڪجي! ڇوڪرن ٻارن جي ماءُ هوندي به ننڍڙي گُڏڙي جهڙي ڏکيل پيٺي لڳندي هئي، پر سڀاءُ سندس اهو جو رک اُپڙ ته غاليچو وڇايو پيو آهي، امي جو سڀاءُ وري چاچي جي اصل اُبتڙ. چاچي موٽي نڪري ۽ ڇوڪري ڏڪڙي ته امي پيري ڏهڪ نان بڪ ڪئي موٽي واري. پر دل جي ڏاتار. شاهوڪار سان پوندس ڪين. باقي غريب سندس گهران ٻاڻي پيئي بنا نه موٽندو. چاچي وٽ ڇوڪرن جو هلت هو ته اسان وٽ اڌ جيترو عدد نه گهر جو هوئي هو، تنهن ڪان سواءِ پيئي پراهي راڄ سوڏي نڪي ڏي نڪي پيٺي هوندي. امي اڳيئي اَنپورنا باقي جو ٻلتي اچي لهي ته اهڙي رنڌڻي جي واهي ڏي وهندي هئي، جو بابا ته ڪڏهن چوندو هوس "پلو رات جو به انهيءَ رنڌڻي ۾ ڏي منجهي وڇائي سمهي پئه نه......"

چاچيءَ کي ڇوڪرن جو هلت هوندي به جڏهن ڏس تڏهن سٽل سپاٽو ڪيو پيٺي موٽندي يا ڪٽ ڇڙهيو ويٺي سوپاري ڇپاڙيندي.

جيڪو آميءَ کي ڏسندو هو، سو چوندو هو، "هيءَ

ته هوءَ ٻن ٽن ساهرن راڄن جا ٻورهيا ڪندي، نڪا ڳني آهي، نڪا وسي آهي. جهڙي سانوري شادي ڪري آئي تهڙي ئي آهي" پر چاچي جي جوانيءَ جي سونهن جو ذڪر نڪرندو هو ته يڪدم سيڪارو ڀري چوندي هئي، "هينئر ته چٽ به نه رهي آهيان.

مان ته جيئن ئي سانڀر ۾ آيس، تيئن ئي چاچيءَ جي "تنهنجو سو منهنجو منهنجي هٿ نه لاءِ" واري پاليسيءَ جي خلاف اعتراض آثارڻ لڳس. پر آميءَ اڳيان هن جي هڪ به نه هلندي هئي. چاچي جو صابڻ خلاص ٿي ويندو ته به ٿي ڏينهن ته آل حساب امان جي صابڻ مان ئي نڪري ويندس، مٺو تيل جولڪو ته جهڙ ڳڏ سڏ جوئي ڀرو لڳندو هو، چاهي سوڌي واري جي بل ۾ امان جو حساب وڌيڪ ٿي نڪرندو هو. ۽ ٻهاري ته چاچيءَ ڪي وڻ ئي ڪين ايندي هئي. روز امان جي ٻهاري چاچي جي گهر منجهه چنڪ چنڪ ڪري، اچي پنهنجي جڳهه تي چپڙي ڪري وهندي هئي. ڏندن جي پيسٽ ته چاچي فقط آگر تي ئي ڪڍندي هئي ۽ ڪوڻ پليٽن ۽ چمچن جي ته چاچي وٽ ڪوت ئي ڪين ٿيندي هئي. جيئن جيئن چاچيءَ جو ڪو نمڪ پڇندو ويندو، تيئن تيئن امان جي چڪي مان نمڪ، ڪٽندو ويندو. ڪڏهن چاچيءَ جو آٽو خلاص ٿي ويندو ته ايندي داٻلو آڏارو وٺڻ. جيڏي آڪهه تيڏو داٻلو. مگر آٽ پرٻل داٻلو، موٽڻ مهل منو ٿي

واپس ايندو، آمي ته وري اهڙي، جو ڏسندي ٻه ڪالهه
ڏسندي هئي. مون کي ڏاڍا خار لڳندا هئا. چاچيءَ کي
ٻصر ٻه ڳنڍيون کپنديون ته آمي سڄي ڳوٺڙي کڻي
اکيان رکنديس. چاچي ٻه ڏاڍي مٺهن سان چوندي،
"توکي ته آڄ ٻصر کونه کپندو" ۽ ائين سوا ڏيڍ
رتل ٻصر جو آلل حساب کٺي ويندي. مان هن بي
انصافيءَ خلاف جهنڊو کڙو ڪري چونديس، "آمي
توکان ته ٻه ڳنڍيون ئي گهرياڻين پوءِ ڇو سڄي ڳوٺڙي
اکيان ليٽائي رکيس؟"

آمي چوندي، "ڳل، هوءَ ته کٺي ٻاهرئين ٻني
رکڻ لاءِ ائين چوندي آهي، پر مان ته سندس گهرج
چٽان ٿي نه."

ڦٽوڻو يا ڦٽي گهرائڻ جي ته چاچيءَ جي سڄي
ڪٽنب کي عادت ئي ڪانه هئي. مون کي ته وري
سڪول وڃڻ مهل مشڪل ڪڏهن ڦٽوڻو يا ڦٽي هٿ
ايندو هو، سدائين چاچيءَ جي گهران ئي گهرائڻو پوندو
هو. هڪڙي ڏينهن ته جنسي اِنصاف ٿيو. پنج ڦٽوڻا
ٻزار مان وٺي آيس. بس ٻئي ڏينهن فقط ٻه پئي نظر
آيا. مون ضد ڪيو ته باقي ٽي ڦٽوڻا ضرور چاچيءَ
جي گهر پهچي ويا آهن. آميءَ منهنجو پوٽ کٺي بند
ڪيو. چاچي جي ڪنهن ٻار شايد اسان جي سس پس
ٻڌي ورتي. هن وڃي ماءُ سان ڳالهه ڪئي. بس چاچي
وٽ ٿيندي آئي. چئي، "سڀتل ماءُ، ڏيءَ چٽي انهي

ڪين ڏوڙ ڇڏي اٿئي. چوي ٿي ته ڏٺوتا چاچيءَ جي
گهر پهچي ويا هوندا ڇو، ڪي توهان جي ڏٺوتن
کي پير لڳل هئا ڇا؟ وري پير به ڪٿي ميجان، ڀوه
ڏٺوتا جو مون وٽ آهن ڪونه ڇا ۽ر به لڳل هئن ڇا
جو اڏامي ويا؟“

آءٌ ته مرڀادا جي ماري ”نه ڀاڀي، پار ڇهو ته ٿي
ڀيو ڇا؟“ چوندي بخشائي ويٺي. پر مان ته وري ٽانڊي
پڇڙي ويس.

ڏياري جون ٻئي صفايون ٿيون. مان ڇونه چاچيءَ
جي ڀاءُ واري اگهه ۾ ويٺي هجان. ٻچڙيءَ مان جڏهن
ٿي بيڪار شيون ۽ شيشا هيٺ لاٿاڏون. ٽيڏن ٿي آهي
ٽيئي ڏٺوتا آئهن ساز ڪڏ ڪچي آيا. مان جهٽ ڀائي
ڏٺوتا ڪٿي آيس آميءَ وٽ. ڇيو مانس، ”ڏٺئه، ڇالاڪين
کي نه سمجهيه ته گهر جو ڏيوالو ڪيڏندينءَ آمي.“
پر آمي ڇو ٻڌي. چاچيءَ کي ٻاڙ ڪپڻ پنڌرهن ته
آمي ٻنا ڪڍڻ جي ڊگهي ڪٿي اڳيان رکنديس. ڇي،
”ڪٽيا ڪيئن.“ پر چاچي ڊگهي ٻاڙ ٻارن کي پچائڻ
لاءِ ڏيئي، اڇي چوي ”اڇا ڇيلي ٻيءَ لاءِ به ٻاڙ ڪٿي
پيم.“ آمي به ٻن جا چار ڪٿي ڏنيس. جڏهن ٻاڙ موٽ
ڪائين نڏهن هجن آهي ٿي پنڌرهن. مٿان ٻاڙ ويا
رونگ ۾.

شهون ٻيون ته الاڏي ڪيئن چاچيءَ جي گهر پهچي
وينديون هيون. پر مهمان مرو به ڪائينڊو امان وٽ ته

کلندو ڪڍندو وڃي چاچيءَ وٽ ٿو. چاچيءَ جي لٺڪ چٽڪ ڏسڻ لاءِ هڪ ٻئين مان به لنگهي ويس چاچيءَ وٽ. پڇي هٿ ڪولي تي ڇڏي، "ٻلهار ٻلهار! اڄ اوهه، پاسي سڄ آئيڙو آهي شايد، جو ڪشوري پڌاري آهي امان وٽ.

سچ پچ سچ اوهه، پاسي آئيڙو هو يا نه اها ته خبر خاوند کي، پر آن کي چاچيءَ تريءَ هيٺان لڪائڻ جي ڪوشش ته ڪئي، سو ته مان خوب ڏسي ته سگهيس چو ته چاچيءَ وٽ امان لاءِ ڪيتري سڪ جي ڪوتا موجود هئي، تنهنجي پليءَ پانت ڇاڻ هئم.

وري چاچيءَ کي پنهنجي هر چيز تي ناز. چائه، کوپ اگهيان وڏائي تي ڇڏي، "ڪشوري، چائه ته پي ڏس، هوڙي چائه ماڻهين به ڪانه پياريندي هونده."

"چو چاچي، توهان وٽ خاص چائه ٺهندي آهي چا؟"

"مان پڙا به اوچا گهرايان ٿو منهنجي ڪڪيءَ جي هٿ جي چائه جيڪو پيئندو آهي، سو ساراهون ڪندو آهي."

دل ۾ چيم، پڙا ته ساڳئي دڪان تان ساڳئي ليبل وارا امان وٽ ايندا آهن. پوءِ به چاچيءَ جا پڙا ڪهڙي حساب اوچا ٿيندا آهن. خير، چائه جو ڍڪ پي ڇڏيم، جهڙي ڪنگهو پاڻي. چاچيءَ کي پٽائڻ لاءِ چيم، "چو ڪڪيءَ چائه، ٺاهڻ ۾ ڪوڏي امتحان پاس ڪيو آهي؟"

مار ڏيئي اچڻ تي، پاڻ ماربندي آهي. بس اُن ڏينهن کان پڪو پرڻ ڪري ڇڏيم ته مٿين پاڻرن پيرن کي روز صبح جو ڪلاڪ ڪن اهڙي سکيا ڏيندس، جيڪا چاچيءَ پنهنجي ٻارن کي ڏني آهي. ٽي ڏينهن کن مس پاڻ پڙهايو مان. هولي ڏينهن شام جو ڏسان ته چاچيءَ جو ننڍو پٽ ۽ منهنجو ننڍو ڀاءُ گهٽيءَ ۾ ڪشتي پيا لڙن. ٻاهر نڪري وڃي ڀاءُ کان پڇيم ڇاهي؟ چي ”دولوءَ، منهنجو گلال جو شيشو خلاص ڪري ڇڏيو.“

”پوءِ تو ڇا ڪيو؟“

”ڏؤنشو هنيومانس.“

”توکي هيءَ مٿي تي نيل ڪيئن ٿيو؟“

”مون کي پٿر هنيائين.... مون وري سرولو هنيومانس.“

مون کان کل نڪري ويئي. ڀاءُ کي وٺي گهر اندر آيس. ليڪن ڇا ڏسان ته آمي سائي نيل جو پهو هڻي دولوءَ کي وٺي مٿي تي پٽي ٻڌي. منهنجي ننڍي ڀاءُ کي ڏمندڙي جهڪيائين، ”ڙي ڇا ٿيو آهي توکي گلال جهڙو ٿون هڻين ها تهڙو هن هنيو، وڙهڻ جي کهڙي ڳالهه هئي؟“

ڀائم، منهنجي صبح واري ليڪچر کي دهرايو، ”هاڻي مون کي ڪير هڪ ڏڪ هڻندو، مان چار هڻندوسانس.“

بس آمي اچي رڻ ۾ ڇٽڪي. چي، ”ماريا، ڪٿان

اهڙي هٿاري سگهين؟ ڏک جو ڏک به نه، چار ڏک هڻندين؟ اها انسانيت ته ڪانهي...“ آمي سڏڪندي سڏڪندي ڀائوءَ کي چمندي پنهنجي فلاسافي ٻڌائيندي ٿي ويئي- ”ماريا، مون ته توهان کي اهڙي لولي ٿي ڪانه ڏني آهي، مان ته چوندي آهيان جيڪو مڙيو سو جڙيو. هيءُ ڪو جنگ جو ميدان ته ڪونهي، جتي دشمن سامهون هجي. هتي ته پنهنجا سؤٽ آهيو، ڀائرن جهڙا. هڪڙي نل تي سنان ڪريو، هڪڙي آڳر ۾ راند ڪريو، توهان جي ڏاڏي ساڳئي، ڏاڏو ساڳيو، پڙڏاڏو ساڳيو... ماريا، هتي ڪا ويڙهه جهيڙ ٿئي ٿي ڇا؟....“

اوچتو منهنجي نظر وڃي چاچي چيلي ماءُ تي پئي. الاجي ڪيڏي مهل هوءَ اسان جي درد وٽ اچي، آمي جي فلاسافي ٻڌڻ بيٺي هئي. ۽ ائين بت بڻي بيٺي هئي، جو منهنجون ته واڇون ٽي ٻتال تي ويئون. وڏي ڳالهه ته چاچيءَ اڄ پٽ جي مٿي تي پٽي ڏسي به هائيدوس نه مچايو هو!

# ڏڙڪ

”امي!“

”ڇا، مٺي.“

”مان سمجهان ٿي دروازي تي کڙڪو ٿيو.“

”ٻاهر ڪوئي ڪونهي، رڳو هوا پئي ڪيلي، ڏيئو... اجهو ٻاڏولي نه ٿيءُ سمهي پئو.“

”سمهي ته پئي آهيان، پر ننڊ نٿي اچي.... امي هو اڄ ضرور هوندو.“

”نه موٽي ويو هوندو، بس نه؟“

”تون به، مون مان ورچجين پئي نه.... امي؟“

”هاءِ هاءِ.... هاڻي روءُ ته نه ٻارهن ٿا وڄن. ڪهڙي ڪن اک ته لڳاءِ....“

”.......“

”نه روءُ مٺي! ڇومون ڪي رڻ ۾ رات وڏي ائيٺي.“

”ڪير به منهنجو ڪونهي، هن جهان ۾....“

”مان گهر ڦٽائي ٿو وٽ اچي رهي آهيان. ڀائين کي به وڻي آئي آهيان. وسند جهڙو گهوٽ ائيٺي. اڇا ڇا....“

”گهوٽ جا حال نه ڏٺئي نه؟ جيڪي به چئو هاڻي ٿاهيا اٿس، ٿن مان هڪ منجهه به مان ٿاهيان.“

”ڇا ٿيو پٽ. سائينءَ توکي جهڙي مـاس مان وڌي جـوڙيو آهي. سگهين مؤرتـن ۾ نه آئيـنءَ ته ڇاهي ڏيءُ؟“

”اوهه.... تون ڪانه سمجهي سگهندينءَ.... مون ته سندس هر چتر جي پريرڻا تي ئي چاهيو...“

”ڏس مٺي، ڪيئن اڄي ڪوڙ ۾ من اٽڪـائي، سيني کي حيران ڪيو اٿئي... ننڊ جي گوري وٺندينءَ؟“

”......ڪوڙ! ڪوڙ ڇاهي سچ ڇاهي...؟“

”ڪوڙ اٿئي، آهو تنهنجو اوشواس ته هو توکي ڇڏي ٻين پٺيان ٿو ڊوڙي ۽ سچ اهو آهي ته تو اهڙي ڪلاونت مان لاڏون لڌيون آهن، جنهن وچاري کي پنهنجو پاڻ به ياد ڪونهي.“

”سندس ڪلائي ته مون لاءِ ڪوڙ ئي پيئي آهي ۽ سچ...! اوهه!... سچ ڪيڏو ساڙيندڙ آهي!... مـان سندس پتني هوندي به سندس دل ۾ ناهيان... امي!“

”هاڻي شانتي به ڪٿي ڪر. منهنجون اکـيون ته جاڳي جاڳي دوڏا ٿي پيئون آهن...“

”تون سمهي پئه نه امي...“

”۽ تون هيئن ڇت ۾ اکيون اٽڪائي چري ٿيءُ، اٿين نه؟“

”چڙي چـڙي نيـٺ چري ته تـون ئي ڪري وجهندينءَ مون کي!“

”اوهه! بس ڪر هاڻي. نٿي سٺي ٿئي اِها مهڪ مهڪ...“

”ڀڄي آما، وما! ڪي ڇو پيئي ڇڙٻن.“

”پٽ ڇڙنديس ڪيئن نه. اڄاڻن خيالن مان ٻـر ڪيو اٿس مون کي.“

”تون هلي سمهه. مان ٿو ڏيڏيءَ جي سنڀال ڪريان“

”ها. بابو تون اچي ويهه.“

”چڱو پيو حڪم.“

”بابو، سڀ مرد اهڙا ٿيندا آهن؟“

”جيڪو پنهنجي اکيان ويٺو آهي، اُن کي ڇا ٿي سمجهين؟“

”نه توکي ته بابيءَ پڌو ٻالهو ٻڌائي ڇڏيو آهي.“

”سٺي ڳالهه ڪئي اٿس؟“

”ڪيئن چوان سٺي ڳالهه نه ڪئي اٿس. مان خود به ته ائين ڪرڻ ٿي چاهيان.“

”يعني پتيءَ جي اندر ڪلاڪار کي گهٽيءَ پتيءَ کي ٻاڏڻ ٿي چاهين؟“

”نه ائين به نٿي ڪرڻ چاهيان... ها، پـر مان اڪيلي ڇو آهيان؟“

”اڪيلي ڪٿي آهين وملا! امي آهي، مان آهيان تنهنجي بابي آهي ۽ سڀ کان وڌيڪ تنهنجي ننڍڙي نندڙي آهي.“

”ها مان به اڪيلي ڪٿي آهيان... ليڪن نه بابو،

مان اڪيلي آهيان هتي. هن ڇاتيءَ اندر الاجي ڪهڙي سڄ پيرجي وئي آهي."

"ڏس، وملا، تون هاڻي ننڊ ڪر."

"هاڻو ننڊ ڪرڻ ڪيئن. ڊاڪٽر جو چيو آهي ته مان ڇري ٿي پوندس. پاڻو، مون جهڙي هرڪا عورت ڇري ٿي سگهي ٿي نه؟"

"بس وملِ هاڻي ڪوبه بحث نه ڪر...."

"پر پاڻو، طوفان پيو لڳي. دريءَ جي ٺڪا ٺوڪي پڌين ٿو نه؟ ڪيئن ننڊ ايندي...؟"

"سنتوش وملا! مڱي جاڳو پيا ڇا...."

"هاڻو پاڻو، وملا کي ننڊ ئي نٿي آڏي، ڏسو ڪيئن مڱي روئي."

"وملا! اڙي مل، روئين ٿي پڳلي! هن مهل ناڻين دروازو ٺوڪي کولي رکيو هو."

"پاڻو، مان پلا سمهان ٿو. وڃي غصو نه ڪجوس. ڊاڪٽر چيو آهي، توهان جي اڄڻ سان منهنجو پاڻ ٺيڪ ٿي ويندي."

"وملا! ڊاڪٽر؟ ڇو اهتري طبيعت خراب هئي!"

"ٽي راتيون جاڳي آهيان. طبيعت ڪيئن نه خراب ٿيندي."

"پڳلي، هيڏو رودن. ڪاش! تون به وٽهي ڇتر ڪليپن ها...."

"ڪنهن جو ڇتر ٿي ڪليئه. سچ پڌاه منهنجو قسم.."

”پنهنجن ماڻهن جا ٻي ڇتر ڪيئي... ويچارا ملڪ مٿائين هتي آيا آهن. ڏينهن رات محنت ۾ جتيا پيا آهن... ڪمارڻون سنڌين ڇپاهه تي ڇونٽري ڪنيو نان تي قطارون ٿيون لڳايون... ڪٽرائي جوان جوانڙيون صبح جي فضا کي ڇورينڌا آڏسن ڏانهن پيا ڊڪندا وڃن...“

”هاڻو... سون به اميءَ کي ڇيو ويٺي ته شهر ڇڏي هيڏو پري ان لاءِ ٿي وڃي ٿو...“

”ڪيڏو آنساه ٿو ملي... رنگ برش پنهنجو پاڻ ڪئنواس تي هلڻ شروع ڪيو ڇڏين...“

”......“

”اڙي اڙي! تون نه وڃون پيئي ٿين!“

”امي... امي...“

هاهه هاهه! ڪيئن ٿي ڪيڪرائي! ڇا ٿيو ڏيءَ؟“

”ڏس ته وملا... اڙي ٿيو توکي؟“

”ڪيڏا ٿي سڏڪا ڀري- جا ماءُ هيءَ حالت ڏسندي هوندي سا مٿي کي ٻچي. پٽ هيٺر ڪجهه به نه ڇئيئس، سڀر آگهو اٿس. نستي ٿي پئي آهي. مان چانهه ڊڪ ٺاهي ٿي کڻي اچان.“

”وملو... وملو...“

”......“

”رسي وٺيئي. اڙي اڙي، هي تنهنجون اکيون ڪيئن ٿي پيئون آهن... هرڻيءَ جهڙيون گهايل...“

”تہ چڱيءَ طرح ڏسي وٺ هن پٽڪندڙ روح کي....“

”هو هي سڪل چپ.... ڪنهن آزلي آمات ڪان جلي آئيا آهن.... پنهنجين هيٺان هي ڳوڙهن جون بولدون، وَمل! وملو، اج هڪ نئون چتر ٺهندو.“

”نہ گهرجي مون کي اهو چتر. منهنجي ڇاتي سڄي سور کان ٿي ڪڙهي! هٿ ڏس ڪيترا گرم آهن. منجهن باهہ ٻري پئي. منهنجي ساهہ ۾ نانگڻيون ٿيون ڦوڪارين. ڪهڙي ٺهندي منهنجي تصوير....“

”شايد اهڙي تصوير ٺهندي، جهڙي اڳ ڪڏهن نہ ٺهي هجي....“

”ڇا فائدو؟“

”آها، تنهنجي من جا ڀاوَ، آزلي آمات جا ڀاوَ، تز نموني پرگهٽ ڪندي.“

”مان بدنام ٿي وينديس.“

”سپاويڪ جذبات کي جو بدنام ڪندو، سو خود ئي بدنام ٿي ويندو.“

جذبات!... منهنجي جذبات جي چر سان ساري جهان کي آڳ لڳي ويندي.“

”جهان کي هڪ نئين ٻُوجهہ ملندي. نئين ٻوجهہ، تہ استري وڳو مائٽ جي وستو ناهي، خود مائيندڙ بہ آهي....“

”ليڪن مان اج توکي تصوير ناهڻ نہ ڏينديس....“

”مطلب... منهنجي هٿن مان پنهنجو هڪ نئون

چتر ڏسڻ نٿي چاهين."

"چتر جو لوپ مون وٽ نه رهيو آهي."

"مگر مون وٽ جو آهي. منهنجي رڳن اندر تنهنجي
اها تصوير ناهي جي ترقي چوليون ٿي ماري..."

"ترقي... تصوير لاهه، نه مون لاهه!...."

"هيترا سڏڪا! ڇا ٿيو آهي توکي وملا! نه روءِ
وملا! نه روءِ..."

"........"

"........"

"روڻ تو اچي مون کي.... من نٿو جهلجي...."

"۽ چتر!"

"نه کڇي مون کي چتر."

"منهنجي اندو وارو ڪلاڪار، چتر هٿ ڪرڻ لاءِ
اڻين ترقي رهيو آهي، جيئن تون منهنجي لاءِ."

"پوءِ به منهنجي پاونا لاءِ ڪائي همدردي ناهي
تو وٽ؟"

"منهنجو ساڪار روپ، تو هڪ جي ترپتي آهي
۽ هي چتر، هزارين استرين جي ترپتيءَ جو ڪارڻ
بڻبو."

"ڪيڏيون وڏيون ڳالهيون آهن. تنهنجون ڪلاڪار!"

"آن ڪلاڪار کي گهٽي پلا ڇا ڪندين هن
ڪوڪلي جسم کي؟"

"جيئن ٻيون استريون بنا ڪلاڪار پتيءَ سان رهي

سگهن ٿيون، ٿيئن مان به رهندس. نه ورهيَ، پر ترٽي
پٽجي..."

"ناممڪن."

"ڇو؟"

"هن سرير ۾ آتما اندر ڪلاڪار ايڏي اُسري
چڪو آهي، جنهن کي جدا ڪرڻ سان ٻئي پڄي پوندا.
تنهنجو پتي به ۽ ڪلاڪار به."

"مان ڪجهه نٿي سمجهان. منهنجي مٿي جون
سڀ نسون نستيون ٿي وئون آهن ڪلاڪار!"

"خبر ناهي ڪهڙي ريشم مان ٺهيل آهن هي تنهنجا
وار، بجليءَ جي لهر آهي منجهن..."

"سچ..! ڇا پيو سوچين؟.."

"مان... سوچيان پيو هيڏن وارن لاءِ منهنجي چتر
۾ ڪهڙو رنگ موزون ٿي سگهي ٿو... اهڙو رنگ
جنهن کي ڏسندي ماڻهو اهو ڪجهه محسوس ڪن،
جيڪي مان انهن کي ڇهندي محسوس ڪريان ٿو."

"..."

"اوهه!... ڪلاڪارا ڪيڏانهن گم ٿي ويو آهي
تو منجهان، منهنجي پتي جو سرير!... اوهه.... اوهه..."

عظمت ادبي اڪيڊميءَ طرفان ايندڙ ڪتاب

# ”ڪرندڙ ديوارون“

سندري اتمچندانيءَ جو شاهڪار ناول،
جيڪو هندوستان ۾ چار ۽ سنڌ ۾ هڪ دفعو ڇپجي
چڪو آهي ۽ بنگالي، اردو ۽ هنديءَ ۾ ترجمو ٿي
چڪو آهي.
سنڌ ۾ ٻيو ڇاپو جلد مارڪيٽ ۾ اچي وارو.

عظمت ادبي اڪيڊمي حيدرآباد

مئي ١٩٨٤ع ۾ عظمت ادبي اڪيڊميءَ طرفان شايع ٿيندڙ دنيا جي ڏتڙيل ۽ مظلوم افريڪي قوم جي جدوجهد آزاديءَ جو داستان.

# ”انگولا جي آزادي“

ڪارن قوم پرستن ڪيئن ڪوري سامراج سان مقابلو ڪيو ۽ پنهنجي وطن کي غلاميءَ جي زنجيرن مان آزاد ڪرايو.

صرف ٿورو انتظار...

**عظمت ادبي اڪيڊمي**

## سنڌ ۽ هند جي اديب ڀائرن جي
## خدمت لاءِ درخواست

پنهنجا ناول، ڪهاڻيون ۽ ترجما ڇپرائڻ لاءِ اسان
جون خدمتون حاصل ڪريو. سفيد ڪاغذ تي خوبصورت
ڇپائي، سهڻو ٽائيٽل ۽ بهترين گيٽ اپ.
گڏوگڏ توهان جي تخليق جي مناسب رائلٽي جو واعدو
لهه وچڙ ۾ اچو.

م-ع-صديق عظمت ادبي اڪيڊمي
معرفت- سردار پرنٽنگ پريس.
سامهون بجلي آفيس- گاڏي کاتو حيدرآباد.

# ترجنين جي تات

ڪتاب نمبر ..............................
ڊالومل "موتي" لائبريري
ٽنڊو باگو سنڌ

# پڙهندڙ نسُل . پَ نَ

## The Reading Generation

1960 جي ڏهاڪي ۾ عبدالله حسين ” اُداس نسلين“ نالي ڪتاب لکيو. 70 واري ڏهاڪي ۾ وري ماڻڪَ ”لُڙهندڙ نسُل“ نالي ڪتاب لکي پنهنجي دورَ جي عڪاسي ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي. امداد حُسينيءَ وري 70 واري ڏهاڪي ۾ ئي لکيو:

انڌي ماءُ ڄڻيندي آهي اونڌا سونڌا ٻارَ
ايندڙ نسل سَمورو هوندو گونگا ٻوڙا ٻارَ

هر دور جي نوجوانن کي اُداس، لُڙهندڙ، ڪَڙهندڙ، کُڙهندڙ، ٻَرندڙ، ڇُرندڙ، ڪِرندڙ، اوسيئڙو ڪندڙ، ياڙي، ڪاٺُو، ياڄوڪَڙُ، ڪاوڙيل ۽ وِڙهندڙ نسلن سان منسوب ڪري سگهجي ٿو، پَر اسان اِنهن سڀني وِچان ”پڙهندڙ“ نسل جا ڳولائو آهيون. ڪتابن کي ڪاڳر تان کڻي ڪمپيوٽر جي دنيا ۾ آڻڻ، ٻين لفظن ۾ برقي ڪتاب يعنى e-books ناهي ورهائڻ جي وسيلي پڙهندڙ نسل کي وَڌڻ، ويجهَڻ ۽ هِڪ ٻِئي کي ڳولي سَهڪاريِ تحريڪ جي رستي تي آڻِڻَ جي آسَ رکون ٿا.

پڙهندڙ نَسل (پَنَ) ڪا بہ تنظيمَ ناهي. اُنَ جو ڪو بہ صدر، عُهديدار يا پايو وِجهندڙ نہ آهي. جيڪڏهن ڪو بہ شخص اهڙي دعوىٰ ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو ڪُوڙو آهي. نہ ئي وري پَنَ جي نالي ڪي پئسا گڏ ڪيا ويندا. جيڪڏهن ڪو اهڙي ڪوشش ڪري ٿو تہ پَڪَ ڄاڻو تہ اُهو بہِ ڪُوڙو آهي.

جَهڙيءَ طَرَح وڻن جا پَنَ ساوا، ڳاڙها، نيرا، پيلا يا ناسي هوندا آهن اَهڙيءَ طرح پَڙهندڙ نَسُل وارا پَنَ بہ مختَلِف آهن ۽ هوندا. اُهي ساڳئي ئي وقت اُداس ۽ پڙهندڙ، بَرندڙ ۽ پڙهندڙ، سُست ۽ پڙهندڙ يا وِڙهندڙ ۽ پڙهندڙ بہ ٿي سگهن ٿا. ٻين لفظن ۾پَنَ ڪا خُصوصيِ ۽ تالي لڳل ڪِلَب Exclusive Club نہ آهي.

ڪوشش اها هوندي تہ پَنَ جا سڀ ڪَم ڪار سَهڪاري ۽ رَضاڪار بنيادن تي ٿين، پر ممڪن آهي تہ ڪي ڪم اُجرتي بنيادن تي بہ ٿِين. اهڙي حالت ۾ پَنَ پاڻ هِڪَبِئي جي مدد ڪَرڻ جي اُصولَ هيٺ ڏي وَٺُ ڪندا ۽ غيرتجارتي non-commercial رهندا. پَنَن پاران ڪتابن ڪي ڊِجيِٽائِيز digitize ڪرڻ جي عَملَ مان ڪو بہ مالي فائدو يا نفعو حاصل ڪرڻ جي ڪوشش نہ ڪئي ويندي.

ڪتابن کي ڊِجيِٽائِيز ڪرڻ کان پو ٻيو اهم مرحلو وِرهائڻ distribution جو ٿيندو. اِهو ڪم ڪرڻ وارن مان جيڪڏهن ڪو پيسا ڪمائي سگهي ٿو تہ ڀلي ڪمائي، رُڳو پَنَن سان اُن جو ڪو بہ لاڳاپو نہ هوندو.

پَنَن کي ڪُليل اکرن ۾ صلاح ڏجي ٿي ته هو وَسَ پٽاندڙ وڌِ کان وَڌِ ڪتاب خريد ڪَري ڪتابن جي ليکڪَن، ڇپائيندڙن ۽ ڇاپيندڙن کي هِمٿائِن. پر ساڳِئي وقت عِلم حاصل ڪرڻ ۽ ڄاڻ کي ڦهلائڻ جي ڪوشش دوران ڪَنهن به رُڪاوٽَ کي نه مڃن.

شيخ اَيازَ علمَ، ڄاڻَ، سمجهہَ ۽ ڏاهپَ کي گيتَ، بيتَ، سِٽَ، پُڪارَ سان تَشبيهہ ڏيندي انهن سيني کي بَمن، گولين ۽ بارودَ جي مدِ مقابل بيهاريو آهي. اياز چوي ٿو ته:

گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن، جي ويريءَ تي وار ڪَرن ٿا.

... ...

جئن جئن جاڙ وڌي ٿي جَڳَ ۾، هو بوليءَ جي آڙ ڇُپن ٿا؛
ريتيءَ تي راتاها ڪن ٿا، موٽي مَنجهہِ پهاڙ ڇُپن ٿا؛

... ...

ڪالهہَ هُيا جي سُرخ گُلن جيئن، اڄڪلهہ نيلا پيلا آهن؛
گيتَ بہِ ڄڻ گوريلا آهن........

... ... ... ...

هي بيتُ اَٿي، هي بَم- گولو،
جيڪي بہ ڪٽين، جيڪي بہ ڪٽين!
مون لاءِ ٻنهي ۾ فَرَقُ نه آ، هي بيتُ بہ بَمَ جو ساٿي آ،
جنهن رِڻَ ۾ رات ڪَيا راڙا، تنهن هَڏَ ۽ چَمَ جو ساٿي آ -

اِن حسابَ سان اٽڪاٽائي کي پاڻَ تي اِهو سوچي مَڙهڻ ته ”هاڻي ويڙهہ ۽ عمل جو دور آهي، اُن ڪري پڙهڻ تي وقت نہ وڃايو“ ناداني‎ءَ جي نشاني آهي.

پَنَن جو پڙهڻ عام ڪِتابي ڪيڙن وانگر رُڳو نِصابي ڪتابن تائين محدود نہ هوندو. رڳو نصابي ڪتابن ۾ پاڙ ڪي قيد ڪري ڇڏڻ سان سماج ۽ سماجي حالتن تان نظر ڪڄي ويندي ۽ نتيجي طور سماجي ۽ حڪومتي پاليسيون policies اڻڄاڻن ۽ نادانن جي هٿن ۾ رهنديون. پَنَ نِصابي ڪتابن سان گڏوگڏ ادبي، تاريخي، سياسي، سماجي، اقتصادي، سائنسي ۽ ٻين ڪتابن کي پڙهي سماجي حالتن کي بهتر بنائڻ جي ڪوشش ڪندا.

پڙهندڙ نَسُل جا پَنَ سيني کي **چو، چالاءِ ۽ ڪيئن** جهڙن سوالن کي هر بَيانَ تي لاڳو ڪرڻ جي ڪوشَ ڏين ٿا ۽ انهن تي ويچار ڪرڻ سان گڏ جوابَ ڳولڻ کي نہ رڳو پنهنجو حق، پر فرض ۽ اٽل گهرج necessity unavoidable سمجهندي ڪتابن کي پاڻ پڙهڻ ۽ وڌ کان وڌ ماڻهن تائين پهچائڻ جي ڪوشش جديد ترين طريقن وسيلي ڪرڻ جو ويچار رکن ٿا.

توهان بہ پڙهڻَ، پڙهائڻ ۽ ڦهلائڻ جي اِن سهڪاري تحريڪ ۾ شامل ٿي سگهو ٿا، بَس پنهنجي اوسي پاسي ۾ ڏِسو، هر قسم جا ڳاڙها ٿوڙي نيرا، ساوا توڙي پيلا پن ضرور نظر اچي ويندا.

> وڻ وڻ کي مون ڀاڪِي پائي چيو تہ ”منهنجا ياءُ
> پهتو منهنجي من ۾ تنهنجي پَنَ پَنَ جو پڙلاءُ“.
> - اياز (ڪلهي پاتم ڪينرو)